

پانڌي ۽ پروڙ
ادريس عاجز عباسي

# پانڌي ۽ پروڙ

ادبي، تحقيقي، تنقيدي ۽ تاثراتي مضمون

ادريس عاجز عباسي

ٿَون ٿياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
2017ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گھر**

## حق ۽ واسطا


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | پانڌي ۽ پروڙ |
| موضوع: | ادبي، تحقيقي، تنقيدي ۽ تاثراتي مضمون |
| ليکڪ: | ادريس عاجز عباسي |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ڇپجڻ جي تاريخ: | جولاءِ 2014ع |
| ڇاپو: | پهريون |
| ڇپائيندڙ: | نئون نياپو اڪيڊمي، |
| | D_1 سچل ڳوٺ گلشن اقبال ٽائون ڪراچي |
| | Cell # 0346_2103811 |
| مُلهه: | 90 رپيا |

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”پانڌي ۽ پروڙ“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناميارو شاعر ۽ ليکڪ **ادريس عاجز عباسي** جي ادبي، تحقيقي، تنقيدي ۽ تاثراتي مضمونن جو مجموعو آهي. الطاف اثيم لکي ٿو:

”ويجهڙائي ۾ سنڌ جي تاريخي ۽ محقق ضلعي خيرپور ميرس مان گهٽي تيزيءَ سان ڪاغذن کي قلم زد ڪندڙ اسان جي باصلاحيت نوجوان ليکڪن مان ادريس عاجز به هڪ آهي. ٿورڙي عرصي اندر ڪيترن ئي ادبي، تاريخي، سماجي ۽ ثقافتي عنوانن تي لکي پاڻ کي قلم قبيلي اندر نروار ڪري چڪو آهي. جيئن ته سندس مضمونن جي زير نظر مجموعي جو نالو پاڻ تجويز ڪيو اٿئين تنهن مان ظاهر ٿئي ٿو، ته هن پاڻ کي پروڙ واري منزل جو پانڌيئڙو بڻائي ڇڏيو آهي.

ادريس عاجز پنهنجي هن ڪتاب ۾ جيڪي مضمون رکيا آهن تن کي پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته وٽس ”موضوع“ جي اهميت آهي ۽ هن پنهنجي وت آهر مطالعي ۽ مشاهدي کان ڪم وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“

هي ڪتاب 2014ع ۾ **نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ، ڪراچيءَ** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون نئون نياپو اڪيڊمي جي سرواڻ انعام عباسيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاء

مهاڳ: **الطاف اثيم /6**
ٻه اکر: **حزب الله آءِ سومرو /7**
پنهنجي پاران: **ادريس عاجز عباسي /9**

## شخصيتون ۽ تنقيدون

ٻاٽ ۾ لاٽ ٻاريندڙ شاعر : استاد بخاري/11
درگاهه کهڙا شريف جي مخدوم صاحبان جو ذڪر/15
سنڌ جو مهان شاعر : سيد پير علي شاهه ”ارمان“ موسوي/19
سچل سرمست: هڪ سچو عاشق/22
درگاهه درازن جو خاص خليفو : ميان چنيهه فقير اُجڻ/25
صوفي شاعر فقير صادق علي ڪنير/27
”احساس ختم ٿي ويو“ تي تنقيد/29
اياز گل جي نثري ادب جو مختصر جائزو/33
سونهن ورونهن جو جائزو/35
غني غمدل جي شاعريءَ تي هڪ نظر/39
عبدالرحمان مهيسر: شخصيت، فن ۽ فڪر تي هڪ نظر /42
”اسين ناهيون اوپرا“ جو تنقيدي جائزو/44
شاعر وحيد محسن: غزليه شاعري جو اڀياس/49
درد دکن ٿا، ساهه ٿو ساري/53
تعلقي گمبٽ ۽ آسپاس جي: شاعرن جو ذڪر/56
صوفي شاعر نظر لاڪائي /65
ميان فيض محمد عباسي : هڪ شاعر، اديب ۽ سياستدان/68
سچل جو ٻالڪ: صوفي نانڪ يوسف/70
آثم ناٿن شاهي: هڪ باڪمال شاعر/72
”ڏکن جي ٽياس تي“ هڪ تنقيدي نظر/75
”لڙڪن جو قرض“ تي هڪ نظر/79

# جي ڏورين، سي ڏسن

ويجهڙائي ۾ سنڌ جي تاريخي ۽ محقق ضلعي خيرپور ميرس مان گهڻي تيزيءَ سان ڪاغذن کي قلم زد ڪندڙ اسان جي باصلاحيت نوجوان ليکڪن مان ادريس عاجز به هڪ آهي. ٿورڙي عرصي اندر ڪيترن ئي ادبي، تاريخي، سماجي ۽ ثقافتي عنوانن تي لکي پاڻ کي قلم قبيلي اندر نروار ڪري چڪو آهي. جيئن ته سندس مضمونن جي زير نظر مجموعي جو نالو پاڻ تجويز ڪيو اٿئين تنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هن پاڻ کي پروڙ واري منزل جو پانڌيئڙو ٻڌائي ڇڏيو آهي. هونئن به ڏاهن چيو آهي ته ”جي ڏورين سي ڏسن.“ ادريس جنهن پروڙ لاءِ پنڌ پيو آهي سو سڀ ڪنهن جي وس جو نه آهي. اهو ڪنڊن جو پنڌ آهي جهڙو تهڙو هڪڙ شال هٽي، وڃي سخن وريءَ جي صحن تي لهي يا علم جي اڱڻ تي بالم ٻڌجي ويهي رهي سو سولائي سان ڪيئن ممڪن آهي، هتي نور نچوئڻ، ننڊون ڦٽائڻ، پيڙائن مان گذرڻ بعد پڄڻو هوندو آهي. تڏهن ڪو سودو صرافن آڏو اگهامندو آهي.

ادريس عاجز پنهنجي هن ڪتاب ۾ جيڪي مضمون رکيا آهن تن کي پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته وٽس ” موضوع“ جي اهميت آهي ۽ هن پنهنجي وت آهر مطالعي ۽ مشاهدي کان ڪم وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن ته هي سندس ادبي سفر جي شروعات آهي ۽ مطالعي سان گڏ اهل علم جي صحبتن ۽ علمي ادبي محفلن مان فيض پڻ پرائي رهيو آهي تنهن ڪري اميد ڪري سگهجي ٿي ته جلد ئي سنڌ جا نالي وارا عالم، اديب، محقق ۽ علمي ادبي ادارا ڪيس مڃتائون مرتبو ڏيندا.

اڄوڪي دور ۾ علمي ذخيرو اٿليو ۽ مطالعي جو شوق محدود ٿيندو پيو وڃي ته اهڙي دور ۾ هن ڪتاب ۾ آيل شخصيتن جو مطالعو نوجوانن لاءِ هڪ خاص اهميت وارو آهي پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مضمون ۽ مقالا پنهنجي گهربل بنيادي جزئيات تي مشتمل هجن. منهنجي خيال ۾ اهي اهم عنصر آهن: تمهيد، مرڪزي خيال ۽ حاصل مطلب. هنن ٽنهي جزئيات جو هڪ ٻئي سان گهاٽو ڳانڍاپو هوندو آهي.

مضمون جي شروعات ڪجي ته اهڙي انداز سان جو پڙهندڙ خود به خود مرڪزي خيال طرف متوجه ٿئي ۽ مرڪزي خيال کي سمجهڻ بعد پڙهندڙ پاڻ ئي محسوس ڪري ته ليکڪ جي قلمي پورهئي جو اصل محرڪ ڇا آهي ۽ ان جو سماجي ڪارج ڪهڙو ٿي سگهي ٿو.

ادريس عاجز جو قلمي پورهيو ڪهڙي درجي جو آهي، تنهن جو فيصلو ته پاڻ پڙهندڙ ئي ڪندا ليڪن مونکي هي به لفظ لکندي خوشي ٿي رهي آهي ته تحقيق واري اوکي راهه جي پانڌيئڙن ۾ هڪ تازه دم مسافر جو واڌارو ٿيو آهي ۽ جي ڪيس ڪو نيڪ دل سونهون يا هڏ ڏوکي همسفر ملي ويو ته هڪ اڻ سونهون پانڌي پروڙ جي ماڳ تي مرڪندي پهچي ويندو ۽ ڪيس سفر جي صعوبتن جو ذري برابر به احساس نه رهندو.

مان قدم به قدم آسانين لاءِ سندس دعاگو آهيان.

**الطاف اٿيم**

اڳوڻو ڊائريڪٽر سچل چيئر

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور

# ادريس عاجز عباسي جي تحقيق ۽ تنقيد

عاجز ادريس عباسي مون سان ان وقت رابطو ڪيو جڏهن هو تنقيد جي ميدان ۾ آيو ۽ ان باري ۾ صلاح مشورو ورتائين. تنقيد جي ميدان ڪان اڳ سندس هڪ پهلو شاعريءَ وارو به آهي. تنقيد مان تحقيق طرف ڇڪجي آيو. هونءَ به تحقيق ۽ تنقيد جو چولي دامن وارو تعلق آهي، جنهن ۾ تنقيدي شعور نه آهي، اهو سنو محقق نٿو ٿي سگهي، ڇو ته تنقيد ۾ حوالن ۽ ثبوتن جي ضرورت هوندي آهي جيڪي تحقيق ۾ نهايت اهم هوندا آهن.

منهنجو خيال آهي ته تحقيق اهو اڙانگو ڪم آهي، جنهن ڪي هڪ محقق سرانجام ڏئي ٿو. جيئن شيشي جو ڪو رانديڪو هجي ۽ اهو ڀڃي واريءَ جي دڙي ۾ ٽڪرا گم ڪري ڇڏجن. هڪڙو ماڻهو اهي شيشي، جا ٽڪرا گڏ ڪري انهن ڪي اهڙي طرح ملائي ٿو جو اهو رانديڪو نهي پوي ٿو ته اهڙو ئي ماڻهو محقق هوندو آهي. جيڪو شيون ۽ ڳالهين جا حصا ڳولي انهن ڪي اصل صورت ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ڪي شاعر يا ليڪڪ ان وقت ساڙ ۾ ورتل نظر ايندا آهن. جڏهن ڪو نئين ٿهيءَ جو شاعر يا ليڪڪ ڪتاب ڇپائيندو آهي. چوندا آهن ته تڪڙ ڪئي اٿئين! مان نه فقط انهن ساڙ سڙين شاعرن ليڪڪن مان نه آهيان پرا نهن جي مذمت ڪندي چوان ٿو ته غلطي نندو ڪندو آهي ته ڇا وڏو نه ڪندو آهي؟ حالانڪ هر ايندڙ نئون ڪتاب ان ٻوليءَ جي حفاظت جي ديوار جي هڪ سر هوندو آهي ۽ ان ٻوليءَ جي ڦهلاءَ واري وڻ جي هڪ ٽاري هوندو آهي. لازمي طرح ادريس عباسي تحقيق ۽ تنقيد جي ميدان ۾ ٿوري عرصي ڪان آيو آهي، سندس جو ڪتاب نه فقط اهڙن ساڙوڪن جي ساڙ ۾ اضافو ڪندو پر سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ ۽ حفاظت واري عمل ۾ به اضافو ڪندو. ادريس عاجز جي هن تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب جون هي خوبيون آهن:

1. ادريس عاجز عباسي تنقيد ۾ مهذب انداز ۾ دليل وارو طريقو اختيار ڪيو آهي.

2. تحقيق ۾ پنهنجي علائقي ڪي خاص ڪري ڪنيو اٿس، اگر اسان جا ليڪڪ ساٿي پنهنجي پنهنجي علائقي جي شخصيتن ماڳن ۽ مڪانن جي تاريخ تي ڌيان ڏين ته سنڌ جي تاريخ تي وڏو ڪم ٿي سگهي ٿو.

3. ادريس عاجز جو هي ڪتاب ڪيترن حوالن ڪان تاريخي حوالي طور ڪم ايندو. ادريس عاجز عباسي جو هي ڪتاب گهٽ قيمت وارو آهي، ان ڪري عوام به پڙهندو ڇو ته ڳورين قيمتن وارو ڪتاب اديب ۽ شاعر لکن به پاڻ ته پڙهن به پاڻ. آءٌ ڪو نه چوندس ته ادريس عاجز عباسي جو تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب نقصان ۽ غلطين ڪان پاڪ هوندو. لازمي ڪي نقص هوندا. ڪي غلطيون هونديون. اهي خاميون ۽ غلطيون ٻيا محقق ۽ نقاد به پوريون ۽ درست ڪندا. البته مان ادريس جي شخصيت جي ٻن خوبين جو ذڪر ڪندس ته هو پڇڻ ۾ عار محسوس نه ڪندو آهي، فون تي ڪيترو وقت ۽ پئسو خرچ

ڪري به ڳالهه پڇي وٺندو، صلاح ڪري وٺندو، پيو ته جڏهن ڪيس ڪا خامي غلطي درست ڪرڻ لاءِ چئبو ته هو يڪدم درست ڪري ڇڏيندو آهي، اهي خوبيون هن کي گهڻ غلطيون ڪرڻ ڏانهن وٺي وينديون.

**حزب الله آءِ سومرو**

چيئرمين

علم دوست ادبي سنگت

سومرا محلا

لڳ ماچيس فيڪٽري خيرپورميرس

# پنهنجي پاران

مونکي چڱيءَ ريت ياد آهي تہ مون ادبي ميدان ۾ شاعراڻي ذوق سان ئي پير پاتو هيو. سنڌ جي ناميارن شاعرن انعام ٻيلهاڙوي، نظر لاکائي ۽ اصغر شاهہ سان گڏ مشاعرن ۽ ادبي ميڙاڪن ۾ مسلسل شرڪت ئي ادبي ڪيتر ڏانهن ويجهو آڻي ڇڏيو جنهن بعد مون مختلف ڪتاب ۽ مئگزين پڙهڻ شروع ڪيا. ان دوران سنڌي ادب ۾ ايم اي جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ بہ ادب کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ منهنجي مجبوري بڻي. انهيءَ عرصي دوران مون پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي آهر نظم سان گڏ نثر بہ لکڻ شروع ڪيو. تاريخ، تحقيق ۽ تنقيد منهنجي پسند جا موضوع آهن. منهنجو نثري مواد اوهان پڙهندڙن کان لڪل نہ آهي، جيڪو ڪجهہ لکيو اٿم اهو سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندو رهيو آهي. هاڻي ان مواد کي سهيڙي هڪ ڪتاب ترتيب ڏنو اٿم.

منهنجي هن ڪتاب ۾ ڪجهہ شاعرن ۽ سندن ڪتابن تي تنقيدي مواد بہ ڏنل آهي، جنهن تي شايد ڪجهہ دوست رنج بہ ٿين. ان لاءِ وضاحت ڪندو هلان تہ منهنجا تنقيدي مضمون تعصب پرستي کان آجا آهن پر جيڪڏهن ڪو ذهن اها ڳالهہ تسليم نٿو ڪري تہ اها سندس مرضي هوندي...

هن ڪتاب سنوارڻ، سڌارڻ ۽ ڇپائڻ تائين منهنجي ياءُ غلام مصطفيٰ سولنگي جو گهڻو ڪردار رهيو آهي جنهن ڪراچيءَ جي انتهائي مصروف زندگيءَ مان ڪجهہ وقت ڪڍي منهنجي هن ڪتاب کي ترتيب ڏنو ۽ انعام عباسيءَ تائين منهنجو مواد پهچائي هڪ ڪتابي شڪل ڏياري. ان سان گڏ خيرپور جي صحافي شاعر، اديب ۽ ڏات رسالي جي ايڊيٽر خادم ڪلهوڙي جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري ٿو سمجهان جنهن منهنجي ڏات ۽ ذات کي اجاگر ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪنٽريبيوشن (Contribution) ڏنو آهي. مون کي متعارف ڪرائڻ ۾ اڳ کان اڳرو رهيو آهي. ادريس عاجز عباسي کي علمي، ادبي ۽ اعصابي طور مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجي دوست حزب الله آءِ سومرو کي وسارڻ مناسب نہ هوندو. تنظيمي تحرڪ ونڻ کان وٺي صحافتي صفحا سجائڻ ۽ سنوارڻ تائين هر ڪم ۾ معاونت ڪندو رهيو آهي. علم دوست ادبي سنگت جي عام ڪارڪن کان مرڪزي عهديدار ٿيڻ تائين مون کي حزب الله آءِ سومرو جو ساٿ ياد آهي. ساٿ ڏيڻ جي حوالي سان ساٿ پبليڪيشن جي ايڊيٽر محترم دوست انور پرديسي جو پير بہ پوئتي نہ رهيو آهي. انور پرديسي جهڙي نموني پاڻ جستجو ڪئي آهي اهڙي ئي نموني مون کي بہ اڳتي وڌڻ لاءِ مفيد مشورا ڏيندو رهيو آهي. جيڪڏهن صداقت ۽ امانت جي اندر ۾ عدالت لڳائي ويهان تہ حيدرآباد جي امين لاکي جيءَ ۾ جايون ڏئي سنڌو مئگزين جي سيني تي منهنجي قلمي پورهئي کي سنواري سڌاري اهميت سان گڏ جاءِ ڏني. ان بہ مونکي متعارف ڪرائڻ ۾ مٿانهون مان ڏيڻ ۾ ڪسر نہ ڇڏي آهي.

مون هي ڪتاب ڪجهہ سال اڳ ترتيب ڏنو هيو پر هيپاٽائيٽس جهڙي خطرناڪ مرض ۾

وڪوڙجڻ سبب ڪافي عرصو بستري تي پيل رهيس ۽ ان سبب ڪري ئي هي ڪتاب اوهان تائين هينئر پهتو آهي. بيماريءَ دوران منهنجي محسن دوستن مون کي نه وساريو. روبرو اچي يا فون تي طبيعت بابت پڇندا ۽ آٿت ڏيندا رهيا. آءُ ڪنهن ڪنهن جا نانءَ ڳڻان. اتر ۽ ڪاڇي جي سيني دلبر دوستن جو ٿورائتو آهيان. اميد اٿم ته منهنجي هيءَ ڪاوش اوهان دوستن کي ضرور پسند ايندي. جيڪڏهن ڪي غلطيون ۽ خاميون رهجي به ويون آهن ته ان لاءِ اڳواٽ ئي معذرت خواهه آهيان.

اوهان جو پنهنجو
**ادريس عاجز عباسي**
(تعلقہ گمبٹ ضلع خيرپورميرس)
0301-3404704

# ڀاڳ ۾ لاٽ ڀاريندڙ شاعر :استاد بخاري

**هن** ڌرتيءَ تي اهڙا نيڪ انسان پيدا ٿيندا رهيا آهن. جن انسان ذات کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ لاءِ پنهنجون زندگيون وقف ڪري ڇڏيون. انهن امن ۽ پيار جو پيغام ڏنو. ميٺ محبت جو درس ڏيندي همت ۽ حوصلو ڏياريو. اهڙا سچا انسان معاشري ۾ اعليٰ مقام رکن ٿا ۽ پنهنجي قومن جي سڃاڻپ بڻجن ٿا. شاهه ڀٽائي کي ڏسو! جنهن سنڌي قوم جو ڳاٽ اوچو رکيو ۽ سنڌي ٻولي بچايائين. ان مان ثابت ٿيو ته پنهنجي قومي سڃاڻپ برقرار رکڻ لاءِ شاعرن ۽ اديبن جو هجڻ تمام ضروري آهي.

شاهه ۽ سچل ڪانپوءِ ، سنڌ ۾ ڪوڙ سارا شاعر پيدا ٿيا. جن هن سماج جي هر عنصر تي پنهنجي منفرد رنگ ۽ ڍنگ سان لکيو. استاد بخاري به هڪ اهڙو ئي نانءُ آهي. جنهن ڀاڳ ۾ لاٽ ڀاري نئون سج اڀارڻ جو جتن ڪيو. ڪيس سنڌي قوم جي پيڙائن جو پورو پورو احساس هو. جيئو ۽ جيئڻ ڏيو جا سبق پڙهائيندڙ استاد سوچيندو هو ته خلائي دور جو لکيو پڙهيو انسان وحشي ڇو هجي؟ پاڻ نهايت سولڙي ٻولي ۾ چوي ٿو ته:

بهشت پونءَ بڻايو جيو ۽ جيئڻ ڏيو
جهان کي نه جلايو جيو ۽ جيئڻ ڏيو
جوان لاش تي روئن ونيون. اميون ۽ ڀيڻيون
حسين مرڪ بچايو جيو ۽ جيئڻ ڏيو

ترقي پسند سوچ ئي مزاحمتي اظهار جو وڏو سبب آهي. جنهن ڪري شاعر۽ اديب قومي شعور سان سگهاريون سٽيون سرجي ستل لوڪ کي جاڳائيندا آهن. هونئن به سياستدان جي ڊگهي تقرير کان شاعر جي هڪ سٽ ئي ڪارائتي هوندي آهي. جنهن ۾ غريبن جي حقن جي ڳالهه ڪيل هجي. اُستاد بخاري جي شاعري به ڏتڙيل ۽ ڏکايل معاشري کي آٿت بخشي ٿي. ڇاڪاڻ جو استاد ٻين جي درد کي پنهنجو درد سمجهي ٿو.

سامان تباهيءَ تي ڪروڙين رقمون
خرچن ٿيون خوشي سا ڏڍڙا ڏڙ قومون
گولين ۽ بمن لاءِ خزانا ڪليل
ڪو ڏوهه ڪيو آهي فقط تو ۽ مون!

سائين جي ايم سيد زندگي جي پوين سالن ۾ ڪراچي جي تاج محل هوٽل ۾ تقرير ڪندي چيو

هو ته، ”سنڌ کي آزاد ڪرڻو اٿو ته اخلاق سڌاريو. پاڻ ۾ ٽڪرا ٽڪرا نه ٿيو. مٺي مٺ ٿيو. سڀني پيغمبرن به اخلاق تي زور ڏنو آهي. جيڪو چئو سو ڪري ڏيکاريو ۽ پاڻ توڙي ٻين ۾ قومي شعور پيدا ڪيو.“ هاڻ جڏهن استاد جي شاعري پڙهون ٿا ته اسان کي استاد جي سموري شاعريءَ ۾ رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد وارو فڪر جهلڪندو نظر اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته استاد به ساڳئي منزل جو پانڌيئڙو هو ۽ سنڌ جي حقيقي عاشقن ۾ نانءُ لکايو هئائين. هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

ڪوبه ڪڙمي ڪنجهي، ڪوبه مانجهي منجهي،
منهنجي لونءُ لونءُ لجهي
ڏک سڄي ڏيهه جو ڏيج مون کي ڏجو منهنجو نالو لکو
ها جڏهن ۽ جتي ديس جي دنگ تي جو ٽٽي جو ٽجي
مون کي منهنجي قبر مان به ڪوٺي نجو منهنجو نالو لکو
پيڙ آهي ڏکي لسٽ آهي وڏي، وچ تي ناهي وٺي،
ڪنهن ڪنهن ڪنڌ تي سنڌ جا عاشقو منهنجو نالو لکو

استاد بخاري روايتي شاعري کان وٺي جديد سنڌي صنفن تي به گهڻو لکيو آهي. بنيادي طور استاد بيت ۽ وائي جو شاعر آهي. سندس بيت خون جگر ۾ ٻڏل نظر اچي ٿو. سسئيءَ جي باري ۾ چيل بيتن منجهان هڪ بيت نموني طور لکجي ٿو:

مون لئه ماءُ مساڻ پنيو شهر پنيور جو
جيجل جانب ريءَ ڪريان ڪنهن سان روح رهاڻ
تنهنجو راج تساڻ، منهنجو ڪاج ڪوهيار ۾

ميهر جي سهڻي جيڪا مهراڻ جي موج ۾ ترندي به موت کان نه ڊڄندي هئي، آخر ساهڙ سان گڏ ساگر ۾ سمائجي ويئي. اها سهڻي جنهن لاءِ شاهه ڀٽائي به چوي ٿو ته ”ساهڙ سندو تن گهاگهائي گهڙن جي“ ان سهڻي کي استاد به گهڻو ڳايو آهي، سهڻي جي سڪ ۽ اڪير کي پنهنجي بيتن ۾ سهڻين تشبيهن سان هيئن ٿو لکي ته:

تڏون ڪن تر تر اٽڪڻ سهڻي سوچ ۾
تارن جي جهر مر چرپر چاهت هانو ۾

جهڙي ريت شاهه سائين تتي ٿڌي ۾ ڪاهڻ جي صلاح ڏني آهي. ساڳي طرح اُستاد بخاري به پنهنجي سٽ سٽ ۾ پنتي نه هٽڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. استاد جي قومي شاعري پڙهڻ سا قومي غيرت جاڳي پوي ٿي. استاد وري وري چوي ٿو ته:

يار اڳتي وڌو ڪجهه ته اڳتي وڌو.
پير پيا ٿَوَ ڦٿيا هانو پيو ٿو رڌو ڪجهه ته اڳتي وڌو

جو هتيو سو ڪٽيو مون کي آهتي پتو ڪجهه تہ اڳتي وڌو
زندگي جنگ جاري جيءَ جي مگر، امن، انصاف لئہ
پنهنجي قومي حقن لئہ اچو ۽ مچو – ڪجهہ تہ اڳتي وڌو
هي جو اجرڪ آ ويڙهيو پيو تنهن کي ڦاڙي اڏو اڏ ڪريو
هڪڙو سر سان ڪفن ۽ ٻيو سندرو ٻڌو۔ ڪجهہ تہ اڳتي وڌو

سنڌي شاعرن ۾ شاهہ، سچل، سامي، سرڪش، منشي، باغي شيخ اياز ۽ نارائڻ کي جيڪڏهن پڙهبو تہ انهن پنهنجي پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ ڌرتي جي قومي ڪردارن کي گهڻو ساراهيو آهي. استاد بخاري جي شاعري ۾ بہ اهڙن قومي هيرن جو ذڪر گهڻو تڻو نظر اچي ٿو جن ۾ منصور، دودو، درياه خان، هوشو شيدي، هيمو ڪالاڻي، مخدوم بلاول شهيد، روپلو ڪولهي، ذوالفقار علي ڀٽو، پير پاڳارو وڏو ۽ ٻيا اهم ڪردار شامل آهن، جن جي نہ جهڪڻ، سچ ۽ سنڌ تي سر ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي. استاد بہ ٻين قومي ڪردارن کي اٿينس جي سقراط ۽ عيسيٰ سان ڀيٽا ڏئي ٿو جنهن مان هڪ زهر جو پيالو ڏوڪيو ۽ ٻيو صليب تي چڙهيو. ٻئي امر ٿي ويا.

لئمبرڪ لوڏون ٻچيون ڦاهيون ٽنگيون
وير پاڳارو وڏو ناهي جهڪيو

سنڌ جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان اسان جو هانءُ ڏڪي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ تاريخ جو ورق ورق ان ڳالهہ جي شاهدي ڏئي ٿو تہ اسان جي سنڌ ۾ ڪيڏا نہ ڪلور ٿيا آهن. عظيم انسانن جون عزتون لٽيون ويون، هٿ ٺوڪي تاريخ لکندي قاتل ڇٽا فاتح لکيا ويا. مطلب تہ سونهاري سنڌ ۾ منڍ کان اڄ تائين ڌارين جون يلغارون رهيون آهن. سنڌ لٽجندي رهي آهي، سنڌي ڦاهين تي چڙهندا رهيا آهن. انسانيت کي لڄائيندڙ اهڙا واقعا هر هڪ دل تي اثر انداز ٿين ٿا، پر شاعر تہ اڃا بہ حساس دلين جا مالڪ هوندا آهن ۽ انهن جي دلين تي قومي درد اڃان گهرو اثر ڇڏيندو آهي.

اسان جو استاد بہ اهڙو ئي قومي شاعر آهي، جيڪو سنڌ جي سورن سبباں روڳي بڻيو. زندگي ۽ موت جي ٻہ واٽي تي بيٺي بہ استاد وقت جي نبض تي هٿ رکي هڪ مفڪر جي حيثيت ۾ سوچي ٿو. تہ، ”ديس اندر ڪالهہ ڇا ٿيو؟ سڀاڻي ڇا ٿيڻو آ.........؟؟“ ڇوتہ استاد کي آئيندي جو اونو هو. پاڻ کي تاريخ اڳيان پيش ڪري هيئن ٿو چوي تہ:

مون کان تاريخ پڇي تہ ڪٿي بيٺو هان
زندگي موت ٻواٽو واٽي بيٺو هان
ڇا ٿيو ڇا اڃان ٿيندو سو پتو ٿم ڇو جو
وقت جي نبض تي هٿ پنهنجو رکي بيٺو هان

مٿئين ڪلاس جا ماڻهو پنهنجا ناتا زردار ماڻهن سان ئي جوڙيندا آهن، جن وٽ بي انداز دولت هجي، گاڏيون هجن، بنگلا هجن ۽ زماني جي هر عياشي هجي. وچين ڪلاس جا ماڻهو وري پنهنجو غم ٽارڻ لاءِ ڪو راهه رفيق ڳولهي وٺندا آهن، جنهن سان زماني جو غم اوري دل جو بار هلڪو ڪري سگهن، جيڪڏهن ڏکن جي ڏيهه ۾ قاتل آهي ته بس غريب ۽ مزدور طبقو. ڳوٺ جون گهٽيون، شهر جون بازارون ۽ ملون ان ڳالهه جي شاهدي ڏيندا ته غريب ۽ مزدور طبقو سڄي عمر روزگار لاءِ تڙپي ٿو. استاد بخاري پڻ هن طبقي سان همدردي ظاهر ڪري ٿو ۽ چئي ٿو ڏئي ته:

امير پير ڪي زردار يار جي ڳولا
وچين ڪلاس ڪي غمخوار پيار جي ڳولا
ملون، بزار، پنيون ڳوٺ جون ڳليون شاهد

غريب لوڪ کي رڳو روزگار جي ڳولا
امير پير کي مان شان جو اونو
وچين ڪلاس کي ڪلچر زبان جو اونو
مريض ملڪ جي قرضي عوام کي
اٽي علاج لٽي ۽ مڪان جو اونو

استاد کي اجان به ڪي سال ، صديون جيئڻو هو هن لکڻ پڙهڻ چاهيو. هن دور جي هر برائي تي، کوڙي سياست تي، ويڪائو وڏيرن تي، پر افسوس آهي، موت تي جنهن اسان جي ساڃاهه وند استاد جي ساهه کي نپوڙيو. ان موت کي ڪهڙي سڏ ته استاد جهڙا ارڏا انسان مري به مات ناهن ٿيندا ۽ هميشه حيات هوندا آهن. چاڪاڻ ته سندن روح جو رشتو ڪنهن سڳي يا سنگهر جهڙو ناهي هوندو جو ڇني سگهجي، هن وقت استاد بخاري جسماني طور اسان سنڌين سان گڏ ته ڪونه آهي پر سندس پاڪ روح اڄ به پنهنجي ماڪ ۽ هير جي هڳاءُ جهڙين تخليقن سان گڏ ڪنهن اڙٻنگ، جو ڏي ۽ جوان پهريدار وانگر ممتا سنڌ جي گهٽي گهٽي ۾ ضرور گهمندو هوندو. جيئن نه ڇنڻ واري ڳالهه هن شعر ۾ ڪئي هئائين.

سڳو به ناهي سنگهر به ناهي، ڇنا هي ناتا ڇني نه سگهندين
رسيم سرتي، سڏيم سامي، ڏکيم ڏرتي ته ڇا ڪريان مان
حبيب توکان ڇڇي سگهان ٿو زمين ريءَ مان جي نه سگهندس
وري وري ڇو ڪرين ٿي پارت غيور ٿڄ تي ويساهه ڪر تون
ترار ڪنهن جي سهي سگهان ٿو ميار ڪنهن جي سهي نه سگهندس

***

# درگاهه کهڙا شريف جي مخدوم صاحبان جو ذڪر

**رياست** خيرپور جي هڪ تاريخي شهر کهڙا تعلقي گمبٽ ۾ مخدوم صاحبان جو خاندان صدين کان آباد آهي. هن خاندان جو سلسلئہ نصب رسول اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي چاچي سيدنا عباس رضي الله عنہ سان ملي ٿو چون ٿا تہ مخدوم صاحب کهڙن وارن جو وڏو ڏاڏو سيدنا ابراهيم سنہ 228 هجريءَ ۾ عباسي خليفن جي دور ۾ اسلامي تبليغ ۽ شرعي حڪمن جي رواج ڏيارڻ لاءِ سنڌ ملڪ ۾ آيوهو ۽ اچڻ شرط نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) جي شمالي جبل ڪوهہ ڪلور ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. ماڻهو ڪيس سيدنا ڪلور والا سڏيندا هئا. آخر گهڻي استعمال ۽ بي علم ماڻهن جي غلطيءَ ڪري ڪلور مان ڪلهوڑه نالي سان مشهور ٿيو. گهڻي مدت کان پوءِ اتي ئي سنہ 348 هجري ۾ چورن هٿان جام شهادت پيتائين. جنهن کان پوءِ سندس فرزند سيدنا عبدالله صاحب دستار ٻڌي. اهڙي طرح سندس ئي اولاد شرعي مسند تي ويهندي آئي. اهڙي طرح مخدوم احمد عباسي هاشمي پڻ مسند شريعت تي اجلاس فرمايو ۽ پرڳڻي حيدرآباد ۽ ٺٽي ۾ قاضي مقرر ٿيو ۽ سنہ 870 هجريءَ ۾ وفات ڪئي. جنهن بعد مخدوم اسدالله مسند شرعي تي مسند نشين ٿيو اڪثر وقت رياضت ۽ عبادت خدائي ۾ مشغول هوندو هو ۽ سندس چهري مبارڪ مان هيبت اسم ذاتي ظاهر ٿيندي هئي. بادشاهہ محمد همايون سان عمرڪوٽ ۾ ملاقي ٿيو جنهن کانئس دعا گهرائي هئي. بادشاهہ همايون ربيع الاول سنہ 962 هجريءَ ۾ ڏاڪڻ تان ڪري فوت ٿي ويو ۽ سندس وفات بعد همايون جي فرزند محمد جلال الدين اڪبر 14 سالن جي ڄمار ۾ تخت نشين ٿيو جو مخدوم اسد الله رحہ جن سان دوستي ۽ دعا طلبي جو رستو گهڻو هوندو هو ۽ مخدوم صاحب شرعي احڪام جاري ڪرڻ لاءِ پروانا پڻ جاري ڪيا هئا. چون ٿا تہ مخدوم اسد الله اسلامي ڪمن ۾ ايتري ڪوشش ورتي هئي جو هزارين ڪافرن کي سنئين راهہ تي آڻي مسلمان ڪيو هئائين. ان وقت جي بادشاهہ محمد جلال الدين اڪبر، مخدوم اسدالله جن کي سنڌ جو قاضي مقرر ڪري هڪ رقم شرعي احڪامن جي رواج ڏيارڻ بابت عطا ڪئي هئي، جنهن بعد مخدوم صاحب اڃان بہ اسلامي ڪمن ۾ روز بروز گهڻي ڪوشش ٿي ورتي ۽ آسپاس جي علائقن ۾ ديني تبليغ لاءِ دورو ۽ گشت ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. سکر ۽ بکر طرف تبليغ ۽ دورو ڪندا ٿي ويا. ان تبليغ دوران راهہ ۾ پيپري شهر ۾ سڪون پذير ٿيا. پيپريءَ جو شهر ان وقت چڱي حيثيت ۾ هو ۽ کهڙن کان ٻن ميلن جي فاصلي تي آهي.

مخدوم صاحب پيپريءَ ۾ هڪ مسجد تعمير ڪرائي ۽ سنہ 966 هجريءَ ۾ وفات ڪيائين.

مخدوم اسدالله پيپريءَ واري جي وفات کان پوءِ سندس فرزند جمال الدين محمد رحہ رونق افروز ٿيو جنهن پڻ حسب دستور تعليم تدريس ۽ شرعي ڪمن ۾ گهڻي ڪوشش ورتي ۽ سنہ 1027 هجريءَ ۾ وفات

ڪيائين. ان جي وفات بعد سندس فرزند مخدوم يحيٰ مسند نشين ٿيو ۽ بدرالدين جي لقب سان مشهور ٿيو. سندس تصنيفات اساس المصليٰ ۽ رسالہ توحيد مشهور آهن. سنہ 1041 هجريءَ ۾ وفات ڪري ويو. سندس مزار شريف پير شاهہ جاڙيو ۾ آهي. هن بزرگ جي وفات بعد سندس فرزند قاضي عبدالخالق مسند نشين ٿيو ۽ پيري شهر مان ڪوچ ڪري شهر کهڙن ۾ اچي رهيو جتي سن 1062 هجري ۾ وفات ڪيائين سندس مزار شريف پڻ کهڙا شريف ۾ آهي. مخدوم عبدالخالق جي وفات بعد سندس فرزند قاضي عاقل مسند تي رونق افروز ٿيو. پاڻ روحانيت جو صاحب هو. چون ٿا تہ ڪيس حضور صلعم جن طرفان ڪيترين ئي بشارتون مليون هيون. پاڻ 1092 هجريءَ ۾ وفات ڪيائون. سندس مزار پڻ کهڙا شريف ۾ آهي.

مخدوم قاضي عاقل جي وفات بعد مخدوم محمد رحہ صاحب مسند نشين ٿيو. مجدد دين نبوي، مبدع قوانين، شرع محمدي، قاطع رسومات غير شرعي وغيره سندس لقب هئا. پاڻ 1122 هجري ۾ وفات ڪيائون. سندس مزار شريف پڻ کهڙا ۾ آهي.

## مخدوم محمد رحہ سان شاهہ لطيف رحہ جي ملاقات:

مخدوم محمد رحہ جن جي وقت ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پڻ سير ڪندي کهڙن جي شهر ۾ فقير ميان چنيهہ اچڻ جي کوهہ تي اچي منزل انداز ٿيو. چون ٿا تہ شاهہ ڀٽائي سان گڏ ڪجهہ خليفا ۽ گويا بہ طنبورن سميت گڏ هئا. مخدوم صاحب جي خليفن شاهہ سائين کي ڪونہ سجاتو ۽ طنبورا هٿن ۾ ڏسي غير شرعي روش محسوس ڪري ڪي قدر ناراضگي بہ ڪئي هئائون. مخدوم صاحب ڳالهہ مان سمجهي ويو تہ اهو شخص شاهہ عبداللطيف رحہ آهي پوءِ ڪيس دعوت ڪرڻ لاءِ پنهنجو خاص ماڻهو موڪليائين. شاهہ صاحب هڪ ٺڪريءَ تي ڪوئلي سان هيٺيون جواب لکي موڪليو:

اج نہ آيس آءُ، سيان ايندس سپرين،
توتي جنهن جو ناءُ ڪٺي بار کهين جو (شاه)

چون ٿا تہ شاهہ ڀٽائي کهڙن ۾ مخدوم صاحب وٽ هڪ رات رهيا. مخدوم محمد رحہ جن جي وفات بعد مخدوم عبدالرحمان گادي نشين ٿيو. مخدوم عبدالرحمان شهيد ۽ سندس پاءُ مخدوم عاقل شهيد پڻ دين اسلامي ڪمن ۾ دل و جان سان ڪوشش ڪندا هئا. مخدوم عبدالرحمان ۽ مخدوم عاقل سميت 222 ماڻهن کي سن 1145 هجريءَ ۾ سنڌ جي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي جي اشاري تي مسجد اندر مراقبي جي حالت ۾ شهيد ڪيو ويو. ٻڌايو وڃي ٿو تہ شهيدن جا لاش بہ ٽي ڏينهن مسجد شريف ۾ پيل هئا. پوءِ گهوٽڪي واري پير موسيٰ شاهہ کي خواب ذريعي ارشاد ٿيو تہ کهڙن ۾ وڃي شهيد ٿيلن جا لاش دفنائي اچ جنهن بعد ٽئين ڏينهن پير صاحب کهڙن ۾ پهچي مخدوم عبدالرحمان . مخدوم عاقل، ميان حاجي شاهہ ۽ ٻيا حافظ سيد قبي ۽ صفحي واري جاين تي دفن ڪرايا باقي ٻين شهيدن جا

لاش اتي ئي هڪ کوهہ ۾ وجهي ان کي لٽائي ڇڏيائين پوءِ پير موسيٰ شاهہ ڪجهہ مهينا هن درگاه تي رهيو.

سچل سرمست ۽ پير صالح شاهہ راڻيپور جو هن درگاه تي اچڻ وڃڻ ٿيندو هيو. سن 1232 هجريءَ ۾ درگاهہ کهڙا شريف جي مخدوم محمد عاقل جي وفات تي سندس جنازي نماز وقت پير صالح شاهہ پير احمد شاهہ جيلاني ۽ پير محمد راشد روضي ڌڻي ۽ فقير ميان سچيڏنو (سچل سرمست) موجود هيا. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ صوفي بزرگ شاعر سچل سرمست ۽ شاعر بزرگ پير صالح شاهہ جيلانيءَ جن جو پڻ هن درگاهہ تي اچڻ وڃڻ ٿيندو هيو.

## پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جو هن درگاهہ سان تعلق:

پير صاحب محمد راشد هڪ وڏو فاضل بزرگ ۽ اڪمل ٿي گذريو آهي. سندس پيءُ جو نالو سيد محمد بقا هيو جيڪو اصل سائدي (تعلقي گمبٽ) جو رهاڪو هيو. پير محمد راشد 14-15 سالن جي ڄمار ۾ کهڙا شريف ۾ مخدوم محمديءَ صاحب وٽ ديني تعليم حاصل ڪندو هو. چون ٿا تہ هن درگاهہ تي ننگر جو سمورو ڪاروبار سندس هٿ هيٺ رهندو هيو. پير صاحب روضي ڌڻي 29 رجب جمع ڏينهن سنہ 1233 هجري ۾ وفات فرمائي.

## مخدوم محمد اسماعيل پريالوئيءَ سان کهڙا شريف جي مخدومن جو تعلق:

مخدوم محمد اسماعيل لقب عبدالرسول ذات جوڻيجو اصل وينل ٽڳڙ ضلع لاڙڪاڻو پوءِ اُتان هجرت ڪري پريالوءِ شهر (خيرپور) ۾ اچي سڪونت پذير ٿيو. وڏو ڪامل خدا رسيده بزرگ هيو ۽ هزارين مريدن جي رهبري ڪري ڪين فيض پهچايو هئائين. ڪيس قلمي قرآن لکڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هيو. پاڻ 8 ربيع الاول سنہ 1174 هجريءَ ۾ وفات ڪيائين. سندس مقبرو پريالوءِ ۾ آهي. مخدوم پريالوئي جي نياڻي سان مخدوم عاقل کهڙائي شادي ڪئي هئي. اهڙي طرح ان رشتي سان کهڙا جي مخدومن جو رابطو ظاهري توڙي باطني طرح مخدوم پريالوئي سان جڙي ويو.

**احمد شاهہ ابداليءَ جي مخدومن صاحبن سان ملاقات:**

احمد شاهہ نادر شاهہ ايراني وٽ ابدالي قوم جو سپهہ سالار هيو. سن 1160 هجري ۾ نادر شاهہ جي شهادت کان پوءِ احمد شاهہ ابدالي جنگيون ڪري فتحياب ٿيو ۽ مال خزانا هٿ ڪري قنڌار ۾ پهچي تخت سلطنت تي قيام فرما ٿيو ۽ پاڻ کي ابداليءَ مان ڦيري درانيءَ سان مشهور ڪرايائين. ڪجهہ ڀيرا ملڪ هندستان تي حملو ڪري فتحمند رهيو. هن بادشاهہ سن 1180 هجري ۾ وفات ڪئي. ٻڌايو وڃي ٿو تہ احمد شاهہ ابدالي دهلي ڏي وڃڻ وقت پنهنجي شاهي لشڪر سميت کهڙا شريف ٻاهران اچي منزل انداز ٿيو هو ۽ درگاهہ کهڙا شريف جي گادي نشين مخدوم محمد رحہ بن عبدالرحمان شهيد جو نالو ٻڌي ساڻس مسجد شريف ۾ اچي مليو. مخدوم محمدي صاحب جن جي شخصيت کان متاثر ٿي ڪين ڪجهہ جاگيرن جا پروانہ

لڪرائي مهر هٽي سندس خدمت ۾ تحفي طور پيش ڪيا هيائين، جن ۾ احمد شاهہ پاران ڏنل ديهہ مرزانپور، موسيٰ پور، منعم آباد وغيره ۾ اڇي وڃي ٿي. مٿين جاگيرن واريون سندون مخدوم محمديءَ جي وفات ڪان پوءِ سندس پياءُ مخدوم احمد جي نالي تي جاري رهيون، جن جو ثمر مخدوم صاحبن جي پوين کي ملندو رهي ٿو.

ان ڪان سواءِ احمد شاهہ ابداليءَ ڪهڙن ۾ هڪ وڏي مسجد پڻ جوڙائي. بعد ۾ احمد شاهہ رحہ جي پٽ تيمور شاهہ، شاهہ زمان، محمود شاهہ ۽ شاهہ شجاع الملڪ پڻ هن درگاهہ سان پڻ عقيدت واري سلوڪ سان پيش ايندا هئا. انهن سڀني افغاني ۽ ايراني مغل بادشاهن جا پروانا ۽ فرامين وغيره اڄ بہ درگاهہ شريف جي قطب خاني ۾ موجود آهن.

## جامع مسجد ۽ مخدوم شهيدن جو مقبرو

جامع مسجد مخدوم صاحبان ڪهڙا شريف جي تعمير جي شروعات سنہ 1157 هجريءَ ۾ ٿي ۽ سنہ 1190 هجري ۾ جڙي راس ٿي. مخدوم شهيدن جو مقبرو پڻ ساڳي ٻارهين صديءَ ۾ مسجد شريف ڪان پوءِ ٺهيو آهي. مسجد شريف جي مرمت لاءِ مير علي مراد خان ٽالپر پڻ رقم ڏني هئي. ان ڪان سواءِ سنڌ جي قديم درسگاهہ ڪهڙا جي عمارت پڻ هتي موجود آهي. هن ڦٽل عمارت جي مڪمل مرمت 1994ع ۾ ٿي.

**حوالا:**

جنت السنڌ مولائي شيدائي

تاريخ و تذڪره بزرگان سنڌ.

# سنڌ جو مهانُ شاعر سيد پير علي شاهه "ارمانُ" موسوي

ڪجهه منهنجي ڪجهه تنهنجي آتم هي ڪهاڻي آ
تون روز مسافر آن مان روز گدائي هان

**سيد** پيرعلي شاهه ولد قلندر شاهه سن 1948 ڌاري تعلقي گمبٽ جي ڳوٺ سيد جمن شاهه ۾ (لڳ گيڙو شاخ) پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم اڳڙا اسڪول ۽ مئٽرڪ ناز هاءِ اسڪول خيرپور مان پاس ڪيائين ۽ ان دوران خيرپور ۾ اهل تشيع جي هڪ مدرسي مان عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم پڻ حاصل ڪندو رهيو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪيس زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام ۾ ليب اسسٽنٽ جي نوڪري ملي. جيڪا هن اڌ ۾ ڇڏي ڏني ۽ پوءِ واپس اباڻي ڳوٺ رهڻ لڳو. ڪيس ٽن پٽن ۽ هڪ نياڻيءَ جو اولاد آهي.

پير علي شاهه پنهنجي حياتيءَ ۾ اڻٽڪ شاعري ڪئي پر هو پنهنجي عشق جي مدهوشيءَ ۾ اها شاعري گڏ نه ڪري سگهيو ۽ سندس گهڻي شاعري سندس حياتيءَ ۾ ئي ضايع ٿي وئي. هن وقت سندس 50_60 شعر انعام ٻيلهاڙوي وٽ موجود آهن. ارمان موسويءَ جي ڪلام ۾ عربي ۽ فارسي ٻولين جو اثر گهڻو تڻو نظر اچي ٿو ۽ سندس شاعري مجازي رنگ ۾ پڻ جڪڙيل نظر اچي ٿي. شاعريءَ ۾ ارمان تخلص استعمال ڪندو هيو. سندس ڪلام مان مير تقي مير جي بوءِ اچي ٿي. پاڻ 1998ع ۾ وفات ڪيائين.

مون ناچيز جي ملاقات ساڻس صرف هڪ ڀيرو محمد واهڻ ٻيلهاڙو ۾ ٿي هئي، باقي سندس شاعري اڳ ۾ ئي دل ۾ گهر ڪري وئي هئي. سندس شاعري ڪٿي به ڪونه ڇپجڻ ڪري اهو ارادو گهڻو اڳ ڪيو هيم ته سندس ڪلام ڇپائجي. سائين انعام ٻيلهاڙوي جي مهربانيءَ سان هي ننڍڙو مضمون مڪمل ڪري ورتو اٿم. ارمان موسوي جي شاعري منهنجي لاءِ ان ڪري به مشڪل آهي جو آءُ عربي ۽ فارسيءَ کان اڻ واقف آهيان.

ارمان موسويءَ جي شاعريءَ جو رنگ ٻين شاعرن کان منفرد آهي. سندس شاعريءَ ۾ نڪور جذبا، خوبصورت تشبيهون ۽ بلند خيال جهلڪندا نظر اچن ٿا، هڪ هنڌ لکيو اٿائين ته:

ڏوبي ٿو مٿو لک تي قارون جي ڏرتي تي
ڪاني ۽ ڪرامات جي تقليد تي دلبا هن

يا وري ٻئي هنڌ لکيو اٿائين ته هن رنگين دُنيا جا حوالا به چپ ٿي ويا آهن. چاڪاڻ ته هٿ نوڪيا اديب عقل کي تالو هڻي ويٺا آهن، شعر هن طرح آهي:

اقدام ۽ قفل دانش هٿ نوڪئي اديبن کان

**تاريخ گلستان جا حوالا بہ ويا چپ ٿي**

ارمان هڪ حساس دل رکندڙ جي حيثيت ۾ وقت جي حاڪم جي بہ اڪيائي جهڙ پٽ ۾ محسوس ڪري ٿو ونهي ۽ اتي چئي ٿو ڏئي تہ افسوس آهي وقت جي حاڪم جي اکيوٽ تي ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجا نوازڻ ۾ پورو آهي. شعر هن طرح آهي.

صد حيف چشم پوشي هن وقت جي حاڪم جي
ڪانون تي ڪڏهن چبرن تي القابِ جي مورن جا

ڪيترن شاعرن جي شاعريءَ ۾ صرف لفظن جي مٽا سٽا هوندي آهي. باقي خيال اهي ساڳيا ساڳيا محسوس ٿيندا آهن. پر هتي ڪجهہ ٻي ڳالهہ نظر اچي ٿي. ارمان جي هر هڪ شعر ۾ هڪ نئون جوش ۽ جذبو. همت ۽ حوصلو نظر اچي ٿو. هڪ هنڌ چوي ٿو تہ آءُ هن زماني ۾ پيار پريت جي زندگي گذارڻ پئي چاهي. مان ڪنهن تيزي ماڻهوءَ سان هرويرو پاند ڪونہ اٽڪايو. باقي اها ٻي ڳالهہ آهي تہ راهہ راستہ مون سان ڪو اٽڪيو آهي. شعر هن طرح آهي:

مان ذوق غواصيءَ کان واڳن سان وڙهيو ناهيان
هر خار سان اٽڪيا هن دامن۽ گريبان پئي.

ارمان موسويءَ کي غزل لکڻ جو سنو ڏان هيو. هو هڪ سچو پچو شاعر هو مون سندس ڪيفيت ڏٺي هئي. عشق ۾ چڪچور، زماني کان تنگ ۽ مفلسيءَ جي ماريل هن شاعر کي جڏهن بيوس لاچار ۽ مسڪينيءَ واري حالت ۾ پنهنجا بہ ڇڏين پيا. تڏهن درويش جي دل مان هيءَ دانهن نڪتي هوندي:

بي طاقتيءَ جي باعث پنهنجا بہ اڄ ڇڏين ٿا
ديوانہ تنهنجي درجا ويهڻ کان پڻ وجن ٿا
ڪاڏي ڪري ڪريان مان هڪ جان مبتلا کي
اغيار آشنا سڀ تاراج ٿي تڙن ٿا
در در ملن ٿا دڙڪا مشڪل ڪشا مدد ڪر
دلبر اسان جي دل جا دشمن جي گهر پلن ٿا

ارمان موسوي هڪ ٻئي غزل ۾ نهايت سهڻي سليقي سمجهايو آهي. هن پنهنجو مثال ڏيندي چيو آهي تہ ٻنهي جهانن جي راز کي سمجهڻ جي ايتري ڪوشش ڪئي سين جو موت اچي ويو. سمجهيو سين تہ نفعي نقصان جا جهيڙا اتي ختم پئي ٿيا. هونءَ بہ رب تعاليٰ فرمايو آهي تہ "جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن رب کي سڃاتو" غزل هن طرح آهي:

راز ڦونين کي سمجهيو سين دل خون ڪرڻ تائين
نفع نقصان جا جهيڙا ها، بس منهنجي مرڻ تائين،
پس ديوار بہ پردا ها، پردن جي مٿان پردا
هي جان ختم ٿي وئي هڪ حرف ٻڌڻ تائين

ساڳئي غزل جي هڪ ٻئي بند ۾ بہ نهايت سٺي ڳالهہ ڪئي اٿائين. سندس اهو بند پڙهڻ کان پوءِ شاهہ سائين جو هي شعر ياد ٿو اچي تہ سورهيہ مرين سوپ کي تہ دل جا وهم وسار.

ارمان موسوي بہ اهڙي نموني جي ڳالهہ ڪئي آهي. چوي ٿو تہ منهنجي جيئاريندڙ کي منهنجي موت اها شڪايت ڪئي تہ تون مظلوم ٻڌجي مئو آهين، تون بي همت ڇو ٿئين؟ تون ظالم سا مهاڏو ڇو نہ اٽڪايو شعر هن طرح آهي، تہ:

هر حرف شڪايت هو هر بار مسيحا کي
هڪ پل نہ کٽين ترسين ڇو تلوار کڻڻ تائين

سنڌ ڌرتيءَ تي ڪيترائي اهڙا شاعر ٿي گذريا آهن جيڪي عشق محبت ڏانءَ ۽ ڏاهپ سبب گهڻو مشهور ٿيا. پر ارمان موسوي جهڙا مهان شاعر بہ ڪيترائي ٿي گذريا . جن کي پنهنجي حياتيءَ ۾ شهرت نہ ملي ۽ گمنام رهيا. اسان جي مٿان سندن اهو قرض آهي تہ سندن زندگي مبارڪ ۽ فن فڪر کي وائکو ڪري عام ماڻهن تائين پهچايون. هتي ارمان موسوي جا چونڊ شعر وري بہ پيش ڪجن ٿا.

ڪو خيال جو اونهو ۽ شهباز مون کي جاڻي
مان بات ڪندو ناهيان، ديوار جي شڪلين سان
تون منظر عريان جو لاچار ستم بزدل،
مان شاغل شب وحشت توڪل تي ڇڏيو هوندو،
ڪوڪب ڪو تخيل جو، هن راند جو ڪيڏاري
جذبات جو رهزن آ، ڏاڙيل ڪو ڌرتيءَ جو
پردو جي کڻان اڄ پيي، هابيل جي ميت تان
آدم بہ هليو گڏجي هن تار تسلسل ۾
هي داغ برهنہ آ، هي لاش بي ڪفن ڇو،
ارمان غريب جو آ، راهن ۾ جو مري ويو

❋❋❋

# سچل سرمست : هڪ سچو عاشق

**سنڌ** ڌرتيءَ جي شاعرن جو ڪلام، اسان کي عوام جي دلين ۾ زنده نظر اچي ٿو. ان جو هي سبب آهي ته هو قال ۾ حال جا شاعر آهن. هن حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته شاه صاحب کان پوءِ سنڌ ۾ سچل سرمست جي ذات گرامي، پنهنجي عارفانه ڪلام سان ان شمع کي اجاگر ڪيو جنهن جو وقت گذرڻ سبب جهڪي ٿيڻ جو امڪان هيو.

شاعري جيڪڏهن پنهنجي پيغام کان بدنصيب آهي ته ان جي زندگي پاڻيءَ تي فوٽي مثال آهي.ڪنهن کي ضرورت پئي آهي جو اها شاعري پڙهي، انهيءَ ڪسوٽيءَ تي سچل سرمست جي ڪلام کي وڏي اهميت حاصل آهي. محبت الاهي جي وڻجاري وٽ ويندي ئي خبر پئجي وڃي ٿي ته وٽس کهڙو ناياب وکر موجود آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ واردات قلب کان سواءِ ٻيو ڪجھ نظر نه ايندو. جيئن هڪ هنڌ دوست جي فراق کان بيچين ٿي فرمائي ٿو.

آءُ ڪانگا! ڪا پرين جي ڳال ڪر
واعدو ڪيئي ڪالھ سو ٻر حال ڪر
ڪيئن ڏنو تو دوست منهنجو ديس ۾،
خوش ڏٺئي هو ڪهڙي ويس ۾
سا خبر مون ساڻ تون في الحال ڪر
هت فراق آ ماريو ٻيو ڇا چوان،
سور منهنجي ساھ کي نت نت نوان
اچ اچي خاطر منهنجي خوشحال ڪر
جي حضوري ۾ سندس حاضر ٿئين
زاغ زاري مان اهي نياپا ڏئين
لڱ خدا سارو سچو جو سوال ڪر

ڪانءُ جي ڪان ڪان هر ماڻهو ٻڌي ٿو پر ڪير ائين نٿو چوي ته آءُ ڪانگا مون سان پرين جي پچار ڪر. هن شعر ۾ اندر جا اڌما موجود آهن، جيڪي نغمي جو روپ اختيار ڪري هڪ ڪانگي سان محبوب جي فراق جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ گفتگو ڪن ٿا. سچل سائين جي ڪلام ۾ صداقت جي قريب اهڙيون بہ حقيقتون ملن ٿيون جن کي سنڌي زبان جي موزونيت ۾ شايد پهريون شرف مليو هجي جيئن فرمائي ٿو:

عشق عطا الاهي ملندا
نهين ڪوئي ڪسب ڪماوڻ دا

ڪڪر تا ڪنهن هٿ نہ آندا،

سر تي ابرو ساوڻ دا

مين تان ڪنهن ٿو مول نہ سٽيا

هيرا هٿ تها وڻ دا

سچو سودا سردا ڪيتا

جهڙا ڏينهن چلاوڻ دا

هي تصوف جو پهريون اهو پيغام هيو جنهن کي شاعر پنهنجي مخصوص انداز ۾ پيش ڪيو. ڪانئس پوءِ هر صوفي شاعر ان جي تقليد ڪئي ۽ ساڳئي رنگ کي ڪنهن ٻي نوع ۾ پيش ڪندو رهيو.

سر سارنگ ۾ بہ سچل سائين ڪيڏو نہ خوب لکيو آهي. ڏٽي پاڪ کي منٿون ڪيون اٿائين، رحم جي گهر ڪندي مهر وسائڻ لاءِ چيو اٿائين ، مينهن کان پوءِ جو منظر بہ چٽيو اٿائين جنهن لاءِ هي بہ بيت ڏجن ٿا.

مهر سندا مينهن شاهہ وسائين شل

جهريل منهنجي جهوپڙي بنا جهلي جهل

ڪاهل تي ڪهل، ڪندين شال ڪريم تون

❊

وسي پيو وڏ ڦڙو پنيون پٽ پريون

پتاريون پٽن تان وٿاڻين وريون

ڪيرن جون ڪريون، چاڏيون ڏنئون چاهہ مان

سسئي کي شاهہ سائين تہ گهڻو ڳايو آهي پر سرمست سچل بہ سسئي جي سڪ ۽ مضبوط اداري کي ساراهيو آهي. هي بيت شاهديءَ طور ڏجن ٿا:

هو جو ڪيچ وٽن مون وريو اچي واءُ

ماريو تنهن مٿاءُ هي سر ڪيان صدقي.

هي جو ڪيچ وٽن مان، واءُ تہ آٿي واس

هي سر سارو ساس، ڪوڙيئين قرباني ڪيان.

❊

هوءَ جا ڪيچ وٽن مون اچي هير هلي

سا پينر آهي، پلي جنهن سان ساهہ سڏير ٿئي

شعر شاعر جي دل جو آئينو هوندو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سچل سرمست سلوڪ جي راهہ جو پورو ڄاڻو هو. حقيقت ۾ صوفياڻي ۽ عشقيہ شاعريءَ ۾ بہ ڪافي فرق آهي. صوفياڻي شاعريءَ جو هڪ شعر جتي فاسق جي اندر نفس پرستي پيدا ڪري سگهي ٿو. اتي ساڳيو ئي هڪ زاهد جي اندر

ورحاني ڪيفيت پيدا ڪري سگهي ٿو.

سچل سائين پهريون پاڻ وڃايو ۽ پاڻ وڃائي پوءِ پنهنجي محبوب کي من ۾ ڳولي لڌائين، پاڻ وڃائي پاڻ کي ڳولڻ جو سبق ڏيندي پاڻ فرمايو اٿائون تہ:

پاڻ وڃائي پاڻ ڳولي لهج پاڻ کي
پاڻ منجهان ئي پاڻ کي پوندي ڄاڻ سڄاڻ
مکڻ، آکر هيڪڙو سوئي کير سباڻ
اهو آهي، اهڃاڻ، ڀُلا انهيءَ ڳالهہ جو.

سچل سائين فرقيواريت کي فساد ٿو سمجهي، سندس فڪر موجب اهي مذهب ماڻهن لاءِ رسم آهن، تنهنڪري ئي ماڻهو مونجهارن ۾ ڦاسي پيا آهن، پاڻ اهڙي مونجهاري کي ڏسي فرمايو اٿائون تہ:

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخي پيري بزرگي بيحد ڀلايا
ڪي نوڙي نمازون پڙهن،
ڪن مندر وسايا
اوڏا ڪين آيا عقل وارا عشق کي

اناالحق جو نعرو هڻي، منصور ثاني سڏجندڙ سچل سائين جي سرائيڪي، اردو ۽ سنڌي ڪلام کان سواءِ فارسي شاعري پڻ اعليٰ مقام جي آهي. هتي آئون سنڌي ٻولي جي نامور اديب ۽ شاعر استاد حامي ياران ڪيل منظوم ترجمو پيش ڪيان ٿو ۽ اهو ٻڌائي ٿو تہ دين اسلام کي ڇڏي پيري بزرگيءَ کي ڇڏي عشق جو مقام حاصل ڪري ۽ پوءِ ئي رند ۽ سرمست ٿي رهہ.

سندس فارسي مثنوي جو سنڌي ترجمو پيش ڪجي ٿو:

عشق ۾ اچ دين ۽ اسلام ڇڏ، عشق ۾ اچ پنهنجو ننگ ۽ نام ڇڏ
عشق ۾ اچ سڀ وساري ڇڏ سبق، تون مٿان روشن ٿي ويندو نو طبق
عشق ۾ اچ ڇڏ مسائل جي پچر، ڇو ٿو ويڳاڻو وتين پيچ بيخبر
عشق ۾ اچ ڇڏ حڪايت جو حصو ڪر نہ دارا ۽ سڪندر جو قصو
عشق وٺ ڇڏ پاڻ پيريءَ جي پچر، رند ۽ سرمست ٿي رهہ بي خطر
عشق ۾ اچ ڇڏ گناهہ ۽ ڇڏ ثواب، تنهنجي دل ڪاري ڪندا تنهنجا حجاب

***

# درگاهه درازن جو خاص خليفو ميان چنيهه فقير اُچڻ

**درگاهه** درازن جو بنياد ميان صاحب ڏني فاروقي وڌو. ڪيس موراڳي پڻ سڏيو ويندو آهي. ميان صاحب ڏني جو جنم 1192هه 1697ع ۾ ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ ٿيو. سيد عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان شيخ عبيدالله جيلاني جو مريد هو ۽ شاهه لطيف رحہ سان ساڻس ملاقات ڪئي هئي ۽ ميان چنيهه فقير اُچڻ سندس خاص خليفو هو.

ميان محمد چنيهه ذات اُچڻ، خيرپور ضلعي جي ننڍڙي تاريخي ڳوٺ کهڙا ۾ سن 1127هه ۾ پيدا ٿيا. سندن والد جو نالو محمد عثمان هو. پاڻ پنهنجي والد کي پوک جي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندا هئا. کين 40 ايڪڙ جي لڳ ڀڳ زمين هئي جنهن ۾ هڪ کوهه هو. (ان زماني ۾ نهري پاڻي جو نظام نہ هجڻ سبب پوک کوهه تي ٿيندي هئي) چون ٿا تہ ميان چنيهه فقير جي عمر 21 سال کن هئي، جڏهن هڪ رات باک ڦٽي مهل پوک کي پاڻي ڏيڻ لاءِ نار هلائي ڏاندن جي نگهباني ڪري رهيو هو تہ ٻہ نامعلوم مسافر اتان گذريا ۽ کانئن درازن ڏانهن رستو پڇڻ لڳا. پاڻ مسافرن سان ٿورو اڳتي آيا، رستي ۾ پهچي فرمايائين تہ هي هاٽي سڌو رستو شاهه درازا ڏانهن ويندو. ايئن چوندي پاڻ مسافرن سان ٿورو اڳتي آيا ۽ پاڻ مسافرن کان اجازت گهري. مسافرن مان هڪ ميان چنيهه ڏانهن مخاطب ٿيندي فرمايو تہ "تون اسان کي هي (دنيا وارو) رستو ڏيکاريو آهي ۽ اسان توکي راهه رباني ڏيکاريون ٿا." ائين فرمائيندي ميان چنيهه ڏانهن ڏيان وڌايو جنهن کان پوءِ ميان صاحب جن مٿان حال (استغراق) طاري ٿي ويو ۽ پاڻ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيا ۽ هو بزرگ (مسافر) پنهنجو رستو وٺيون هليا ويا.

ميان صاحب جن کي جڏهن دير گذري ويئي ۽ پاڻ کوهه ڏانهن واپس ڪين وريا تڏهن سندن والد صاحب کي خيال پيو تہ خبر ناهي چنيهه الائي ڇونہ واپس موٽيو آهي، اهو خيال ڪندي پاڻ ڪيس ڏسڻ لاءِ سندن پويان آيا ۽ اچي ڏنائون تہ نينگر بيهوش آهي ۽ سندس زبان مبارڪ مان ڪجهہ آواز اچي رهيو آهي. جيڪو اڻ چٽي نموني اچي پيو ۽ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو. پاڻ نينگر کي کڻي کوهہ تي پهتا. بعد ۾ مختلف حڪيمن سان رجوع ڪيو ويو پر کين 24 ڪلاڪ گذرڻ باوجود بہ هوش نہ آيو.

ٻئي ڏينهن تي هن بيهوش نينگر کي کهڙا ۾ مخدوم صاحبن جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو پر ٻہ راتيون ۽ ٻہ ڏينهن گذري وڃڻ کانپوءِ بيهوش نينگر جي حالت نہ سڌرڻ سبب سندن والد ڏاڍو فڪر مند ٿي پيو ۽ سڄي رات ميان چنيهه جي مٿان ويهي گذاريندو رهيو. ايتري ۾ کين ننڊ غالب ٿي وئي ۽ ان ننڊ واري عالم ۾ هڪ آواز ٻڌائين تہ نينگر کي درازا کڻي وڃو.

پوءِ صبح ٿيندي ئي بيهوش نينگر محمد چنيهه کي شاهه درازا آندو ويو. جتي حضرت ميان صاحب ڏنو فاروقي رحہ جن کي سربستو عرض رکيائون.

ميان صاحب ڏني فاروقي جڏهن هڪ نگاهہ ڪومل بيهوش نينگر تي وڌي تہ اهو ڇچريل آواز صاف ذڪر خداوندي ۾ تبديل ٿي ويو ۽ الله جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو.

پوءِ درگاهہ درازا تي ست ڏينهن رهڻ کانپوءِ ميان محمد چنيهه جن بلڪل صحيح سلامت ۽ هوش جي حالت ۾ اچي ويا. اهو جمع جو ڏينهن هو. جمع نماز کان فارغ ٿي ميان صاحب ڏني رحہ ميان چنيهه جن کي تازو

وضوع ڪرڻ جو حڪم فرمايو. پاڻ تازو وضو ڪري سندن خدمت عالي ۾ حاضر ٿيا تہ ميان صاحب ڏني رحہ کين بيعت سان شرف فرمايو ۽ چادر خلافت عطا فرماياٸون ۽ فرماياٸون تہ چنيهہ منهنجو سڀ کان اول خليفو آهي. اهڙا ارشاد ۽ هدايتون ڏيئي ميان چنيهہ رحہ کي اجازت ڏناٸون. شاهہ درازا کان واپس کهڙا اچڻ کان پوءِ پاڻ اڪثر عبادت الاهي ۾ مشغول رهڻ لڳا. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن ڏينهن جو بنا ڪجهہ کاٸڻ پيئڻ جي جهنگ طرف نڪري ويندا هئا. اهو بہ چون ٿا تہ هڪ ڀيري شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ سير سفر فرمائيندا انهيءَ جڳهہ تي تشريف فرما ٿيا. ۽ ميان چنيهہ رحہ جن کي اچي چلي مان اٿارياٸون ۽ فرماياٸون تہ هاڻي خلق خدا جي خدمت ڪريو. اهڙي طرح ميان چنيهہ رحہ جي ڪمال جو چرچو پڻ آهستي آهستي عام ٿيڻ لڳو ۽ روزانو ڪيترائي سائل ۽ حاجتمند نهايت عقيدت ۽ احترام سان سندن خدمت ۾ حاضري ڀريندا رهيا. ميان چنيهہ کي پنهنجي مرشد ميان صاحب ڏني رحہ متس راضي ٿيندي اهو بہ چيو هو تہ اج تو مان چ ڪڍي ڇڏيسين اج کان پوءِ تون نسورو نينهن آهين ميان چنيهہ رحہ کي ٽي فرزند پيدا ٿيا.

(1)ميان فقير محمد (2) ميان خاوند ڏنو ۽ (3) ميان ذاڪر محمد جيڪي بہ سندن صحبت ۾ رهي عرفان و معرفت جون منزلون طئي ڪندي ڪمال جي درجي تي پهتا.

چيو وڃي ٿو تہ درگاهہ درازا شريف جو هي خاص خليفو شعبان مهيني (سومر جي رات) سن 1207هہ ۾ هن فاني دُنيا کي الوداع چئي ويو.

سندس مزار مبارڪ شهر کهڙا ۾ آهي. ميان محمد چنيهہ رح هميشہ سر مبارڪ تي پٽڪو ٻڌندا هئا. جنهن جو رنگ ڪارو هوندو هو. اها پڻ روايت ڪئي ويئي آهي تہ پاڻ ڪڏهن اڇي رنگ جي دستار پڻ سر تي پهريندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪاري رنگ جي ٽوپي پڻ پهريندا هئا.

چون ٿا تہ پاڻ سڄي عمر اڇي رنگ جا ڪپڙا پهرياٸون پر پنهنجي مرشد ميان صاحب ڏني رحہ جي وصال کانپوءِ نير جا ٻڌل ڪپڙا پهريندا هئا. ڪتاب نسورو نينهن جي ليکڪ ذوالفقار اُجڻ پنهنجي ڪتاب جي صفحي نمبر 45 تي ميان سائين جن جا اخلاق ۽ خوبيون بيان ڪندي لکي ٿو تہ حضرت جن بهترين خوبين جا مجسما هئا، سندن قول ۽ فعل ۾ مطابقت هئي، پاڻ پنهنجي عملي زندگي کي قرآن ۽ سنت جي سانچي ۾ پلٽي ڇڏياٸون سندن نفس تسليم و رضا الاهي لاءِ وقف هو پاڻ خوف خدا کان ڪڏهن ڪڏهن بي اختيار روئي ڏيندا هئا.

## مددي ڪتاب:

(1) ”نسورو نينهن.“ ليکڪ: ذوالفقار اُجڻ
(2) ”ساريم اج سنگهار“ : خادم عباسي

❊❊❊

# صوفي شاعر فقير صادق علي ڪنڀر

**فقير** صادق علي ذات جو ڪنڀر (گلال) هو. سندس والد محترم جو نالو محمد صفر ڪنڀر هيو. پاڻ سن 1897ع ڌاران سوپوديرو لڳ ڳوٺ ٻنڊي موٽايو ۾ پيدا ٿيا. ننڍپڻ ۾ ديني تعليم حاصل ڪيائين ۽ بعد ۾ حضرت مخدوم جهانيان فقير غلام مهدي شاهه رحه جن جو طالب ٿيو. فقير جن جو وڏو پياءُ الله ڏنو ڪنڀر جيڪو پڻ صوم و صلوات جو پابند، باشرع ۽ نيڪ انسان هيو. پر فقير صادق علي مجازي عشق جي اونهي درياهه ۾ گهيريل هيو، ڪامل مرشدَ ۽ هاديءَ جي حضور مان ڪيس جيڪو ونڊ مليو تنهن ڪيس صوفياڻي رنگ ۾ رچي ڇڏيو. ان سبب ڪري صوفي ۽ ملان جو پاڻ ۾ گڏجي هلڻ ڏکيو ٿي پيو. فقير صادق علي جڏهن اهڙي حقيقت پنهنجي مرشد اڳيان بيان ڪئي. بجاءِ ان جي ته مرشد طرفان سندس پياءُ لاءِ ڪا جدا هدايت جاري ٿئي يا فيصلن ڦٽن جو اهتمام ٿئي. فقير کي حڪم ڪيائون ته هو هتان (ٻنڊي موٽايو) مان لڏي اچي ڳوٺ وڏا لاڪا ۾ رهي، جنهن ڪان پوءِ فقير صاحب ٻنڊي موٽايو مان لڏي اچي ڳوٺ وڏا لاڪا ۾ ڳوٺ جي اوڀرندي پاسي پنهنجو مئخانو اڏي ويٺو. تنهن لاءِ روايت آهي ته ان وقت ڳوٺ ۾ ڪنهن جاچ لاءِ پوليس آيل هئي ۽ ان دور ۾ پوليس وارا گهوڙن تي چڙهي ايندا هئا. چون ٿا ته ڳوٺ جي وڏيري فقير جي غير موجودگيءَ ۾ پوليس وارن جا گهوڙا مئخاني ۾ ٻڌرايا. فقير جڏهن واپس اچي اهو لقاءُ ڏٺو ته جلال ۾ اچي ويو ۽ مئخاني ۾ ٻڌل گهوڙن کي اتان ڇوڙايائين. فقير تيسيتائين جلال ۾ رهيو جيستيائين ڪيس متبادل جڳهه ويهڻ لاءِ نه ملي ۽ ڪيس ڳوٺ جي اولهندي پاسي قبرستان جي پير ۾ هڪ گهاٽي جهنگ واري زمين جو ٽڪر رهڻ لاءِ آڇيو ويو ۽ گڏوگڏ اهو به ڇيو ويو ته هن جهنگ ۾ مختلف قسم جا خون خوار جانور ۽ بلائون آهن پر فقير بنا خوف جي پنهنجي ٻچن سميت ان جهنگ ۾ جهوپو اڏي اچي ويٺو ۽ آهستي آهستي جهنگ صاف ڪري اتي کوهه به کوٽايو ۽ کوهه تي نار چاڙهائي پاڻيءَ جو خاصو بندوبست ڪيو ۽ ان پاڻيءَ تي هڪ باغ پوکيائين ۽ اتي هڪ مئخانو پڻ جوڙيائين.

چون ٿا ته فقير پنهنجي مجازي عشق جون منزلون طئي ڪندي حقيقي عشق کي پهتو. ڪيترائي ماڻهو سندس وٽان فيضياب ٿيا جن ۾ هدايت علي فقير ناريجو، عنايت علي فقير کهڙو ۽ امانت علي فقير ڏهر (باگڙجي) مشهور آهن.

فقير صادق علي ڪنڀر 58 سالن جي عمر ۾ 1955ع ڌاري ڳوٺ وڏا لاڪا ۾ پيالو پيتو ۽ سندس ڳوٺ وڏا لاڪا ۾ اڄ به سندس پوئلڳن لاءِ فيض جو در موجود آهي، فقير جي اولاد ۾ 5 پٽ ۽ 3 نياڻيون هيون، جنهن مان سندس ننڍي پٽ غلام شبير جي اولاد مان وڏو پٽ نظر علي (ادبي دُنيا ۾ جنهن جي سڃاڻپ نظر لاڪائي آهي) سوئي سندس محور تي مسند تي ويٺو ۽ پڻ صوفي شاعر ٿي گذريو آهي.

فقير صادق علي جو اڻ ڇپيل مواد نثر ۽ نظم ۾ مليو آهي. نثر ۾ فقير تصوف جي انتهائي باريڪ نقطن تي مختصر پر جامع لکيو آهي. نظم ۾ ڪافي غزل، قصيده، بيت، ڏوهيڙو، ٽيهه اکريون ۽ ڇلو جهڙي سنڌي جي قديم صنف لکي آهي. ان ڪانسواءِ هنديءَ ۾ شبد به لکيا آهن. فقير راڳ جو پارک هيو. پاڻ پنهنجي قلمي نسخي "حاصل ولايت" ۾ غزل ۽ ڪافي ڪي سرن ۾ لکيو آهي جنهن ۾ سر پيروي پهاڙي، راڻو تلنگ، وهاڳ، سارنگ، بروو، ڌناسري، آسا، پرڀاتي، ڪلياڻ ۽ سورٺ اچي وڃن ٿا. فقير جو قلمي نسخو سندن پوين وٽ موجود آهي، جيڪو مون ناچيز به محترم لاڪائي صاحب وٽ ڏٺو هيو. منهنجي سنڌي ادبي بورڊ وارن کي گذارش آهي ته فقير صادق علي ڪنڀر جو قلمي نسخو ضايع ٿيڻ کان بچائيندي جلد ڇپايو وڃي ته بهتر ٿيندو

بيت طالب کي مطلوب ڏي عاشق تي اچڻ
گويا ۽ گفتار کي ويراڳي تي ونڻ
موکيءَ جي موج جو پريمي پيالو پيئڻ
صادق ٿي سمجهڻ هن پيغامي پريم کي

❋❋❋

# عاشق تنيو جي شعري مجموعي ”احساس ختم ٿي ويو“ تي تنقيد

ادبي تخليق جي فني ۽ فڪري جاچ پڙتال کي تنقيد چيو ويندو آهي. تنقيد نظم توڙي نثر لاءِ تمام ضروري آهي--. اصلاحي تنقيد بعد ئي بهترين ادب سرجيو ويندو آهي. چيو وڃي ٿو. ته سنڌي ادب ۾ هن وقت تنقيد جي شديد کوٽ آهي، جنهن سبب اسان جون نئون نسل (نئين ٿهيءَ جا شاعر / اديب) جديد سنڌي ادب ۾ تمام پوئتي آهن. اهو ئي سبب آهي جو اسان سينيئر اديبن کان اصلاح وٺڻ ۾ ڪيٻايون ٿا. يا وري اسان جا سينيئر هن سلسلي ۾ سست آهن. سنڌ مان نڪرندڙ مختلف اخبارون ۽ ميگزين / رسالا ڏسو جن ۾ نوجوان ليکڪ توڙي شاعرن جي انگ ۾ اضافو ضرور ٿيو آهي پر افسوس ٿئي ٿو ته هنن جي فن ۽ فڪر ۾ گهڻي ڪچائي آهي، ايتري قدر جو سيني شاعرن جون اهي روايتي سٽون ”رسي نه وڃ“ ، ” ساهه سڪي ٿو“ ، ”مري ويندوساءِ“ وغيره هر پيري پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون سواءِ چند شاعرن جي جن وٽ ڏات به آهي ته ڏانءُ به. مون وانگر ٻيا ڪيترا ماڻهو سوچين ٿا ته نئين ٿهي جي شاعرن/ اديبن جي جيڪڏهن اصلاح نه ٿي ته سندن پورهيو پاڻي ولوڙڻ ثابت ٿيندو....!

هر ليکڪ پنهنجي لکڻين جي تعريف ٻڌڻ لاءِ ته آتو هوندو ئي آهي، پر جڏهن مٿس ڪا تنقيد ٿيندي آهي ته ڪائنس برداشت نه ٿيندي آهي. اهي ئي سبب آهن جو اسان جا نقاد ڪنهن ڪتاب وغيره تي تنقيد ڪرڻ ۾ دلچسپي نه ٿا وٺن. مان سوچيان ٿو ته جيڪڏهن اسان دوستين جو ڀرم رکندي هڪ ٻئي جي لکڻين جي اصلاح نه ڪئي ته اسان جو ادب تباهي طرف ويندو ۽ غير معياري ليک لکندا رهياسين ته دنيا اسان تي چٿرون ڪندي. ان ڪري منهنجي ادب دوستن کي اها وينتي آهي ته سنڌي ادب ۾ تنقيد جي کوٽ کي پورو ڪندي نوجوان قلمڪارن جي لکڻين جي تعمير ڪئي وڃي ته جيئن موجوده ٿهي جا قلم ڏٽي به سگهارو ادب سرجي سگهن.

دادو ضلعي جي شهر ميهڙ سان واسطو رکندڙ هڪ شاعر عاجز عاشق تنيو جنهن جو شعري مجموعو ”احساس ختم ٿي ويو“ منهنجي هٿن ۾ آهي. هي ڪتاب ڪنول پبليڪيشن قمبر پاران شايع ٿيو آهي. 127 صفحن جي هن ڪتاب جو مهاڳ سنڌ جي ناليواري شاعر مشتاق بخاري لکيو آهي، 7 صفحن تي مشتمل مهاڳ ۾ مشتاق صاحب، عاجز عاشق جي غزلن جون سٽون ڏئي ٿورو گهڻو تبصرو ڪيو آهي ۽ آخري ڇهن سٽن ۾ پنهنجي راءِ هن طرح ڏني اٿائين ته عاجز عاشق ۾ شاعراڻيون خوبيون موجود آهن. عاجز جو فڪر هن کي هڪ ڏينهن سٺن شاعرن جي قطار ۾ آڻي بيهاريندو. البته هن کي فن تي ڪجهه محنت گهرجي.

مشتاق بخاري چيو آهي ته عاجز عاشق کي شاعري جي فن تي ڪجهه محنت ڪرڻ گهرجي. اهو نيڪ آهي پر آئون عاجز عاشق کي صلاح ٿو ڏيان ته هو پنهنجي فڪر ۾ به پختگي آڻي ڇاڪاڻ ته سندس مجموعي ۾ شامل شاعري ۾ ڪيترين ئي فڪري اوڻايون رهيل آهن. مون پنهنجي هن مضمون

۾ عاجز عاشق جي فڪري اوڻاين کي وائکو ڪرڻ چاهيو آهي تہ جيئن سندس شعر جي اصلاح ٿي سگهي.

هونئن بہ هن شاعر اسان پڙهندڙن کي راءِ جو حق ڏنو آهي ۽ صفحي 27 تي چيو اٿس تہ مون کي اوهان پڙهندڙن جي راءِ جو انتظار رهندو.

عاجز عاشق تنيو جي شعر ۾ مون کي تڪ بندي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نظر نہ ٿو اچي. هن شاعر ڪافيي جي پورائي لاءِ تہ گهڻي جاکوڙ ڪئي آهي. پر فڪري سگهہ کان محروم رهيو آهي. صفحي 108 تي غزل جون سٽون اٿس تہ:

اسان پاڻ ڏي ٿا صدين کان ڦيرايون،
ڦري هو وڃن ٿا پرينءَ وار وانگر.

مٿئين سٽ ۾ شاعر چوي ٿو تہ اسان ( هن کي) پاڻ ڏي ڦيرايون ٿا پر هو وار وانگر ڦري ٿا وڃن، وار جي ڦرڻ مان ڇا مراد آهي شاعر جي وار جي ڦرڻ سان تشبيهہ ڪا سريلي تہ ڪانهي تنهن ڪري ڪيس هيئن لکڻ گهرجي:

اسان پاڻ ڏي ٿا صدين کان ڦيرايون،
ڇڄي هو وڃن ٿا، رنل يار وانگر.

ساڳئي ڪتاب جي صفحي 98 تي غزل جي آخري بند ۾ شاعر قافيو پورو ڪندي عڪاسي، لفاظي، اداسي، شناسي، اماسي ۽ تراشي ڪانپوءِ رهواسي ڪئي آ " بنا سوچ سمجهہ جي استعمال ڪيو آهي، جنهن مان ڪا بہ معنيٰ ۽ مفهوم نہ ٿو نڪري. عجيب ٿو لڳي تہ شاعر اهي سٽون ڪيئن لکيون آهن. سٽون هي آهن:

اوهان يار پنهنجا هو پراڻا
اوهان سان تہ دل پيي رهواسي ڪئي آ.

ٻنهي سٽن ۾ هينين سٽ بي سود ٿي لڳي. دل جي رهواسي ڪرڻ واري تشبيهہ مان شاعر جي فڪري سگهہ معلوم ٿئي ٿي. شاعر کي جيڪڏهن پنهنجي يار کي احساس ڏيارڻو آهي تہ هينئن لکي سگهي ٿو:

اوهان يار پنهنجا رهيا هو پراڻا
اسان پيي نہ پياري حياتي ڪئي آ،

ساڳئي ڪتاب ۾ هڪ صفحي تي غزل جو هڪ بند آهي تہ:

اڄ ڪيڏي من ۾ رم جھم آ.

جو تنهنجو مون ديدار ڏنو.

ڇا ديدار ڏسبو آهي.....؟؟ ديدون جڏهن خوبصورت منظر ڏسنديون آهن تہ پوءِ اهو ئي ديدار ٿيندو آهي. جنهن شيءِ کي دل چاهي ۽ اکيون ڏسن اهو ديدار ٿيندو. ديدار ڪبو آهي. تنهنڪري هن شاعر جي هي سٽ ”مون ديدار ڏنو“ غلط آهي.

عاجز عاشق تنيو صاحب پنهنجي هن ڪتاب جي صفحي 51 تي هڪ غزل لکيو آهي، جنهن ۾ هن چيو آهي تہ ”تڙپي تڙپي اگر اٿي ويندين، مان ٿو سمجهان پوءِ جي ويندين ۾ اڳتي لکي ٿو تہ ڪو رُسي ٿو تہ تون ايڏو نہ روءُ، جي روئيندين تہ صفا سڄي ويندين....! اسان وٽ سڄي وڃڻ (متارو ٿيڻ) سڪ جي علامت آهي، ڳري ۽ جهري پوندو آهي پر هن شاعر هيئن لکيو آهي جيڪو غلط آهي تہ:

ڪو رسئي ٿو تہ تون نہ روءُ ايڏو

جي پيو روئيندي صفا سڄي ويندين.

هن ڪتاب جي صفحي 7 تي قمبر واسي ليکڪ محترم راشد بروهي صاحب ادب دوستي جو حق نڀائيندي ڪتاب جي خالق عاشق تنيو صاحب کي وڏو شاعر پيش ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي آهي، لکي ٿو تہ ” هن جي غزل جو اسلوب جدت جو جرڪندڙ جسم رکي ٿو ۽ هن جا ڪيترائي غزل، غزل جي سماج ۾ صدين کان رائج روايتي رديف ۽ قافئيءَ جي رواجن ۾ رهندي پنهنجي نئين دنيا ۽ نوان گس ڳاهيندي نظر اچن ٿا.“

عاجز عاشق جا غزل پڙهي پنهنجا نوان گس ۽ نئين دنيا ڳاهين پر هو جملن جي درست استعمال، تشبيهہ، معنيٰ جي مفهوم طرف بہ ڌيان ڏئي. اهڙيون غلطيون تہ سيڪڙاٽ شاعر بہ ناهن ڪندا جهڙيون غلطيون اهل ڪتاب عاشق تنيو ڪري ٿو. هڪ صفحي تي هڪ غزل ۾ بہ سندس اهڙي غلط تشبيهہ ڏسو:

هو ڏس اڌ رات جو جاڳي پيو تنهنجي ڪري ڪوئي سڙي پيو سڪ ۾ ائين، جيئن سڙندي مڏي آهي. مٿين سٽ ۾ سڪ ۾ ڪنهن کي ائين سڙندي ڏيکاريو ويو آهي جيئن ڪا مڏي سڙندي آهي، سڪ ۾ سڙڻ وارو جاندار آهي ڪيس سڪ جو احساس آهي تڏهن ئي هو جاڳي پيو گذاري پر سندس مشابهت مڏيءَ جي باهہ ۾ سڙڻ هڪ جهڙو ڪونهي تنهن ڪري اها تشبيهہ سراسر غلط ڇٽبي.... !!

ان کان سواءِ هڪ ڪتاب مان ڪجهہ هي سٽون بہ ظاهري طور تي ڪنهن ڪاريگر جي هٿ لڳڻ جون گهرجائو آهن:

1. اسان جي اميدن کي پاٽي نہ ڪر

غمن ۾ اسانجي کهاٽي نہ ڪر

2. ڪن کي ملي نہ ٿو هٿ حيلن هزار سان

ڪنهن کي وري ملي ٿو ڪنهن باس کان بنا
3. آس هڪڙي جڏهن ٽٽي منهنجي
آس اهڙي وري مزيد نہ ٿي.
4. ڪٿي يار پاڪر ۾ آهي پري،
ڪٿي يار خالي پري ٿا ڏسون.
5. اسان کي مليو آ يقين ڪنهن کان تڏهين
اسان نفس پنهنجو بهاري ڇڏيو آ.
ڪتاب جي بئڪ ٽائيٽل تي سينيئر شاعر ڪوثر برڙو صاحب جا جملا آهن تہ:
هن نوجوان شاعر پنهنجي جوڀن ۾ پنهنجي پيار ۽ پريت جون ڳالهيون من موهڻي انداز ۾ ڪيون آهن. سندس هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ تمام سٺي موٽ ۽ مڃتا جو حق رکي ٿو. آئون اهو حق کسڻ جي ڪوشش نہ ٿو ڪريان.

***

# اياز گل جي نثري ادب جو مختصر جائزو

سنڌي ٻوليءَ ۾ نثر جي شروعات بابت ڪجهه اختلاف آهن. هڪڙا چون ٿا ته راجا ڏاهر جي لکيل خطن کي سنڌي نثر مڃڻ گهرجي. ٻيا چون ٿا ته شاهه ڪريم ۽ مخدوم نوح جي ملفوظات ۾ آيل فقرن کي سنڌيءَ جو ابتدائي نثر مڃڻ گهرجي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي مطابق سنڌي نثر جي شروعات آخوند عزيز الله قرآن مجيد جو ترجمو ڪري ڪئي، منهنجي راءِ آهي ته سنڌي ادب ۾ نثر جي ابتدا انگريزي دور جي پيدائش آهي. ڇاڪاڻ ته 1856ع ۾ سنڌي زبان جي صورت خطي مقرر ٿي ۽ ان بعد سنڌي درسي ڪتاب تيار ٿيا. جن ۾ تاريخي سماجي ۽ اصلاحي مضمون (سبق) ڏنا ويا. 1861ع ۾ مرزا محمد صادق پهرين سنڌي اخبار جاري ڪئي جنهن سان سنڌ نثر کي تمام گهڻي هٿي ملي.

شروعاتي دور جي نثر نويسن مان مرزا قليچ بيگ، محمد هاشم مخلص، مولانا فتح محمد سيوهاڻي، پير علي محمد شاهه راشدي ۽ سيد ميران محمد شاهه ڪانسواءِ ٻيا ڪوڙ نالا اچي وڃن ٿا. جن سنڌي نثر کي ترقي وٺرائي. ان کان علاوه ڊاڪٽر بلوچ، غلام علي الانا، انعام شيخ، قمر شهباز آغا سليم، امين لاکو حزب الله آءِ سومرو الطاف شيخ، برڪت بلوچ ۽ شريف شاد سومرو ڪانسواءِ اياز گل جو نالو به نثر نويسن ۾ شامل ٿئي ٿو.

ڇهين مارچ اڻويهه سئو اٺهٺ تي اتر سنڌ جي مشهور شهر سکر ۾ جنم وٺندڙ ايار علي دل، سنڌي ادب ۾ پنهنجي شاعري طور گهڻو مشهور ۽ مقبول آهي پر نثر نويسي ۾ پڻ پنهنجو مقام رکي ٿو هن تي نثر جا ڪتاب ترتيب ڏنا آهن جن ۾ سکر جون دايون پوان شل قبول شامل آهن. اياز گل جون لکيل 10 ڏهه ڪهاڻيون جن مان زنگ لڳل زندگي ۽ تڏهن ملنداسين، مشهور آهن جيڪي سهڻي رسالي جي مختلف پرچن ۾ ملن ٿيون.ان ڪانسواءِ اسان جي هن پلوڙ ليکڪ سائين اياز گل مختلف اديبن ۽ شاعرن جي لڳ ڀڳ ويهن ڪتابن جا مهاڳ پڻ لکيا آهن. جن مان عبدالواحد آريسر جي ڪتاب " ماٺهو مينگهه ملهار" پارس حميد جي مجموعي "هٿ ترن تي روشن ڏک" ۽ شاهن سمنگ جي ڪتاب "هوا پيغام آندو آ" جا مهاڳ شامل آهن. ان کان سواءِ سندس تحقيقي مقالا پڻ مختلف پرچن ۾ ڇپيل نظر اچن ٿا. تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ علامتون يا اهڃاڻ يا وري" لطيف سائين جي چند تارن سان رهاڻ" جي عنوان هيٺ لکيل سندس مضمون پڙهڻ وٽان آهن.

عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ پاران سال 2002ع ۾ " اياز گل " کي جيڪو تنوير عباسي ايوارڊ مليو اهو به سندس نثري صلاحيتن جي مڃتا جو ثبوت آهي، تنوير عباسي جي هڪ شعر. هرڪو ماڻهو موتي داڻو هر ڪا دل هيرن جي کاڻ جي تشريح ڪندي اياز گل پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته: هن شعر ۾ انسان جي عظمت کي چٽيو ويو آهي، هر خرابيءَ جو خول لاهي انسان جي چهري جي خوبصورتيءَ کي

پڌرو ڪيو ويو آهي، چانڊاڻ علامت آهي، اکين ڪي وڻندڙ عڪس ، سڪون ڏيندڙ احساس جي ۽ من مکڻ چاٽو انسان جي اندر جي اڇاڻ، نرم ۽ نازڪ سياءُ ۽ نزاڪت ڪي ظاهر ڪري ٿو. اکين تان بغض ۽ حسد جا ڪوپا لاهي صاف دليءَ سان ڏسبو تہ هو صحيح معنيٰ ۾ اشرف المخلوقات“ نظر ايندو. ڪتاب جي شروعات ۾ پنهنجي پاران لکيل اياز گل جون سٽون پڙهڻ کان پوءِ اهو اندازو لڳائڻ مشڪل نہ آهي تہ هن جي دل احساس ۽ جذبات کان خالي نہ آهي. منهنجا خواب جي عنوان هيٺ هيئن لکي ٿو تہ: ۽ مان خوابن ڪي ئي ڏسان ٿو: سان گذري ويا آهن. خوابن ڏسڻ جو عمل جاري آهي. منهنجي شاعري منهنجي خوابن جو ئي هڪ روپ آهي، اهي خواب جيڪي ڪڏهن چوريءَ اچي نيڻن ۾ رين بسيرو ڪندا آهن تہ ڪڏهن وري ڏينهن ڏٺي جو انڌيءَ وانگي زوريءَ در کولي اکڙين ۾ گهري ايندا آهن، ڪوشش ڪئي اٿم انهن خوابن جي ٻنهي روپن جو لفظن ۽ احساسن جي خوبصورت گهر ۾ آڌر ڀاءُ ڪري سگهان. ( توبن ڪهڙا ڇانورا صفحو9 )

ڪارو ڪاري وارو عمل عزت کان وڌيڪ ملڪيتون ڦٻائڻ، دشمنيون نپائڻ ذاتي انائن ڪي تسڪين لاءِ آهي. ان عمل جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي، منهنجي خيال ۾ ان ڪي رسم چوڻ بہ غلط ٿيندو. باقي پريمي جوڙن جي حوالي سان اخبارن ۾ جيڪي ڪجهہ اچي ٿو مان ان ڪي سٺو نٿو سمجهان ٻن پيار ڪرڻ وارن ڪي گڏ گهارڻ جو موقعو ضرور ملڻ گهرجي ۽ ٻنهين خاندانن طرفان سندن جذبن جو احترام پڻ ڪرڻ گهرجي پر فلمي اداڪارن وانگر فوٽو ڇپائي پنهنجي خاندان ڪي رسوا ڪرڻ وارا بيان ڏئي ڪو بہ پريمي جوڙو بهتر آئيندي جو ٻج ڪونہ ٿو ڇٽي ( ماهوار ادب اياز گل نمبر)

اياز گل جي نثري لکڻين جو انداز بيان ۽ زبان جو استعمال بي حد پيارو ۽ وڻندڙ آهي. هي ليڪ جڏهن مضمونن ۾ پنهنجا خيال ۽ نظريا پيش ڪري ٿو تڏهن هن جي تحرير ۾ ڪا پيچيدگي ڪا نہ ٿي ٿئي ۽ هڪ سلجهيل انداز ۾ پنهنجي نقطئہ نظر ڪي بيان ڪري ٿو وجي. مثال لاءِ سندس هڪ مضمون مان هي سٽون پڙهون ٿا. ”جوانيءَ جي دور ۾ هر انسان ڏکئي وقت مان گذرندو آهي. جواني جيئن جذبات جوش، جدت ۽ شدت سان زندگيءَ ۾ داخل ٿيندي آهي تہ تمنائن جا طوفان ڪڙا ٿي پوندا آهن ۽ مجازي محبت جا مچ مچي پوندا آهن. هر شيءِ پرين جي پار جا پنڌ ۽ پيچرا پڇائبا آهن، انتظار ۽ اوسيئڙو اکين ۾ جاڳي پوندو آهي، دل ۾ درد دونهين دکائي ڇڏيندو آهي، اهڙي حالت ۾ اهو لازمي ٿي پوندو آهي تہ پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪنهن طرح ٻين تائين پهچائجي.“ ( ڀٽائي تحقيقي جنرل 6 صفحو 73 )

هونئن بہ هي چوڻي گهڻي مشهور آهي تہ اگهي تہ پاءُ نہ تہ مڻن ڪي ئي موٽ. ان وانگر ڪن ليکڪن جون ڪي سٽون من ۾ پيهي وينديون آهن، جن ڪي ڪڏهن بہ وساري ڪونہ سگهبو آهي. منهنجي دعا آهي، تہ اياز گل سنڌي ادب جي باغيچي ۾ سدائين رابيل ۽ گلاب وانگر مهڪندو ۽ مرڪندو رهي. آمين.

٭٭٭

# مير عبدالرسول ”مير“ جي ڪتاب ”سونهن ورونهن“ جو جائزو

سنڌ جي موجوده شاعرن ۾ ” ڪافي گو“ شاعر جي بهترين سڃاڻپ رکندڙ شاعر مير عبدالرسول ” مير“ جو شعري مجموعو ”سونهن ورونهن“ شايع ٿيو آهي، جنهن کي روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو وارن شايع ڪرايو آهي.

خوبصورت ٽائيٽل پڪي جلد سميت 256 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جي قيمت 200 روپيه رکي وئي آهي. ”سونهن ورونهن“ ۾ مير صاحب جا تقريبن 124 بيت، 21 وايون، 43 ڪافيون، 52 غزل، 10 گيت، 47 ننڍا وڏا نظم، ۽ 50 ته ستا ۽ چوسٽا شامل آهن. ڪتاب جو مهاڳ نامياري شاعر امداد حسيني لکيو آهي. امداد حسيني هن تفصيلي مهاڳ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته مير عبدالرسول ” مير “ هڪ شاعر آهي جنهن کي لقب، القاب جي ڪا به لوڙهه نه آهي. ” مير “ هڪ منو ٿي پڙهڻ / ٻڌڻ جهڙو شاعر آهي. سنڌ جي سريلن فنڪارن سندس ڪافيون وڏي چاهه سان ڳايون آهن. جن ۾ محمد يوسف، انور حسين وسطڙو، ڦوٽو زرداري، ممتاز لاشاري، برڪت علي پٽ، وحيد علي، اياز علي، منظور سخيراڻي، مصري فقير، عابده پروين ۽ حميرا چنا ڪانسواءِ ٻيا شامل آهن. امداد حسيني لکي ٿو ته، نه ڇپجڻ ۽ ادبي تقريبن ۾ عدم شرڪت جا فائدا به آهن ته نقصان به. مير کي ان جو فائدو ته اهو ٿيو آهي ته هو ڪنهن به ڪنٽرورسي ۽ ادبي گدلاڻ کان بچي ويو آهي ۽ نقصان اهو ته شاعريءَ جي حوالي سان هن جو نالو ايترو نٿو ورتو وڃي جيترو هو لهڻي!

هن ڪتاب جو خالق ” جوئي آهيان سوئي آهيان“ جي عنوان هيٺ لکي ٿو ته مان شاعريءَ کي ” گفٽ آف گاڊ“ سمجهان ٿو. شاعري، موسيقي ۽ مصوري انسان جون اعليٰ خوبيون ليکجن ٿيون. تخليقڪار راتين جون راتيون اوجاڳا ڪري پنهنجي خاموش آواز يعني تخليق کي قلم سان زبان ڏئي تحرير جي صورت ۾ ماڻهن تائين پهچائي ٿو. مير صاحب اڳتي لکي ٿو ته هونئن ته شاعري جون سيئي صنفون سون سريکيون آهن پر ” ڪافي“ سون تي سهاڳي مثل آهن.

ڪافيءَ جو رشتو شاعر جي داخلي ۽ ذاتي پيڙا سان هوندو آهي. ڪافي وجداني يا بي خوديءَ جي عالم ۾ ڳائي يا لکي ويندي آهي ته ڪڏهن روئندي به لکي ويندي آهي. نامور اديب شمشير الحيدري ” سونهن ورونهن“ جي شاعر لاءِ لکي ٿو ته مير عبدالرسول ” مير“ عامياڻي نه پر عوامي شاعري ڪري ٿو. وٽس وطن جي حب به آهي ته انسان دوستي به آهي ۽ آزادي ۽ امن جا امنگ به آهن. مير مڪمل طرح سنڌ جي سڄاڳ ۽ سڄاڻ شاعرن جو ساٿاري آهي. سندس ذات ۾ سچ به آهي ته ڏاڻ به آهي.

اديب تاج جويو هن ڪتاب جي صفحي نمبر 44 تي لکي ٿو ته مير صاحب جا بيت ثقافتي سونهن جا اعليٰ مثال آهن ۽ انهن ۾ خيال جي جامعيت به ثقافتي سونهن جيتري موجود آهي. بلاشڪ ”

مير“ هن دور جي بيت لکندڙ شاعرن ۾ وڏو شاعر ليکجي سگهي ٿو. مير عبدالرسول ” مير“ جا ڪجھ بيت هن ڪتاب منجهان ڏجن ٿا:

بيت

ڪيڙيان وينو ڪيت، سوچن سندا سنڌ ۾
هي جي منهنجا بيت، آئيندي جو آچپو.

ساڃھ رکي سچ جي سورهيہ ٿي سجاڳ،
نيٺ تہ ملندو ماڳ، سوپيان ٿيندي سچ جي.

پينر جنهن کي پونءِ جو خاصو آهي خيال
اندر جو احوال ان سان اوري اورجي.

”سونهن ورونهن“ جي صفحي نمبر 65 تي خاڪي جاني لکي ٿو تہ مير عبدالرسول ”مير“ جي ہي شاعريءَ جيان سندس واين ۾ بہ سنڌ جي موجوده سماجي شعور جي ڀرپور جهلڪ ملي ٿي. سنڌي قوم کي اسان جي هن شاعر ۾ وڏيون اميدون آهن ۽ پڪ سان سندس ذات ڌاهپ جي ڏياٽي هيٺ هن اونداهي سماج کي روشني ڏيندي.

مجموعي ۾ شامل واين مان ڪجھ چونڊ سٽون:

وائي
هڪڙو ناهيان آءُ
سنڌ سموري سور آ
ڪان ڪان ڪري ڪانءُ
سنڌ سموري سور آ

وائي
ٽڪو ناهي ٽر،
تون ڇو ماندي مارئي
وسندا مينهن ملير تي
برسي پوندو بر

تون ڇو ماندي مارئي
ڏس هوءَ ڪني سج جي
اپري ٿو اوپر
تون ڇو ماندي مارئي

هن مجموعر جي صفحي نمبر 90 تي سنڌ جو ناميارو شاعر تاجل بيوس پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ: ”مير جهڙي پڪي پختي ڪافي“ لکڻ هر شاعر جي وس ۾ آهي ئي ڪونہ. سندس ڪافين مان مون لاڙڪاڻي جي زيتونن، ميرپورخاص جي انبن، گهوگهاري جي سڳداسي چانورن، خيرپور جي کارڪن ۽ ڀٽ شاهہ جي صوفي اوتارن جي گلن جي خوشبوءِ ايندي آهي“

هونءَ تہ اڪثر شاعري ڦهريان ڇيچندي آهي ۽ پوءِ ڳائبي آهي پر ”مير“ جون ڪافيون هن ڪتاب ۾ ڇپجڻ کان اڳ سنڌ واسين ۾ مقبول ٿي چڪيون آهن. ”مير“ جي ڪافين مان ڪجهہ چونڊ ٽڪرا پيش ڪجن ٿا:

تنهنجو ناهي جواب
تارن ۾ تون چنڊ لڳين ٿو
اها آس اند ۾ يار اٿم،
تون پر ۾ هين توسان پيار ڪيان،
توکي ياد ڪري ساري رنم
سج اپري ويو اک ڪانہ لڳم

”سونهن ورونهن“ جي صفحي نمبر 136 تي سنڌ ڌرتيءَ جو سريلو ۽ سيبتو شاعر ” اياز گل“ پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ: مير عبدالرسول ” مير“ جا غزل پڙهي مون کي خوشگوار ۽ خوبصورت حيرت ٿي آهي. سندس غزلن ۾ نوان سر ۽ ساز سمايل آهن. ڀرپور ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ شاعريءَ جا اولڙا چٽا ڏس ۾ اچن ٿا. پيار ان جو ڦهلاءُ، انفرادي ۽ اجتمائي پيڙائون، ڌرتيءَ وارن جا ڏک، ملڻ، وڇڙڻ ۽ وڇڙي ملڻ جذبن جي هڪ انڊلٺ آهي. جيڪا مير جا غزل پڙهي ذهن جي اپ تي نهي ٿي وڃي. گهرائي ۽ نواڻ اهي ئي بہ ڳالهيون آهن، جيڪي هڪ سٺي غزل جو بنياد جزو آهن. مير عبدالرسول ”مير“ وٽ اهي اسان کي عام جام ملن ٿيون.

”سونهن ورونهن“ ۾ شامل مير جي غزلن منجهان ڪجهہ سٽون:

اسان پنهنجا جذبا مٽيا ڪين آهن،
اوهان ساڻ ناتا مٽيا ڪين آهن،
ڪتن جي غريبن تي ساڳي اجا بڇ
وڏيرن جا وانا مٽيا ڪين آهن.

سونهن کي سينگارجي ڇا جي ڪري
عطر گل تي هارجي ڇا جي ڪري
ڪير جهڙي رات ۾ اي دوستو،
ڪنهن ڏيئي کي ٻارجي ڇا جي ڪري
”مير“ مدهوشيءَ ۾ گذري زندگي
هوش هاٿي ڌرجي ڇا جي ڪري.

ناليوارو شاعر عنايت بلوچ پڻ صفحي نمبر 190 تي پنهنجي راءِ ڏيندي هيئن لکي ٿو: ”مير عبداالرسول ”مير“ جي سيني صنفن جيان مون کي سندس گيت بہ نڪريل، نسريل ۽ سرنهن جي گلن جيان ڦولاريل نظر اچن ٿا. ” مير“ جا گيت پڙهڻ سان پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ ۾ سريلو سنگيت گونجي ٿو.“ ڪتاب ۾ شامل گيتن منجهان ٻن گيتن جون سٽون حاضر آهن.

مون کي تنهنجون سارون سهڻا!
جڻ ڪي مينگهہ ملهارون سهڻا!
”مير“ وصل جون واڳون واري،
دردن جو ڪر دارون سهڻا!

ڪتاب جي شروع ۽ آخر ۾ مخدوم ”طالب المولىٰ “ مختيار ملڪ، محمود مغل ۽ نصير مرزا جا رايا پڻ شايع ڪيا ويا آهن. ڇپائي ۽ مواد جي حوالي سان هي ڪتاب سچ پچ هڪ بهترين ڪتاب آهي. منهنجي خيال مطابق ”مير“ صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ سمورين صنفن سان انصاف ڪيو آهي. هن لفظن کي هروڀرو دٻليءَ ۾ بند نہ رکيو آهي. سندس نظم، تہ سٽا ۽ چوسٽا بہ پڙهڻ وٽان آهن. جن ۾ بہ سڪ، سونهن، سچ ۽ سنڌ جي ڳالهہ آهي. مان سمجهان ٿو تہ هي ڪتاب سنڌي شاعريءَ ۾ اڳتي هلي ضرور ميڄتا ماڻيندو ۽ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

❊❊❊

# غني غمدل جي شاعريءَ تي هڪ نظر

نئين ٽهيءَ جا نوجوان شاعر سنو ٽا لکن پر سندن لکڻين ۾ فني ۽ فڪري کوٽ ڪافي حد تائين محسوس ٿئي ٿي، اهو ان ڪري جو نوجوان پنهنجون لکڻيون ڪنهن سينيئر کي نٿا پڙهائين ( اصلاح نٿا وٺن). مون سنڌو ڊائجسٽ ۾ غني غمدل جي شاعري پڙهي آهي، هي شاعر محنت ڪندي اڳتي اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

آئون سندس شايع ٿيل شاعريءَ تي بحث ڪرڻ چاهيان ٿو ته جيئن شاعر جي اصلاح ٿي سگهي.

**وائي**

نيٺ ته ملندي هوءَ، ڄامشوري جي پل تي
هٿڙو ڏئي هٿ ۾
مون سان گهمندي هوءَ،
ڄامشوري جي پل تي،
گلابن جا گل اڄ
مون کي هڻندي هوءَ،
ڄامشوري جي پل تي،
غمدل تنهنجو چاهه مان،
نالو ڪڻندي هوءَ،
ڄامشوري جي پل تي

وائيءَ جي باري ۾ جيڪي روايتون ملن ٿيون، انهن مطابق اهو هندي لفظ "واٽي" يا "ٻاٽي" مان نڪتل آهي ، يا پراڪت لفظ " وايا" يا سنسڪرت جي لفظ "ورت" يا عربي جي لفظ "واءِ" مان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "ڳالهه ٻولهه" جيئن سنڌيءَ ۾ چيو ويندو آهي "چڱي وائي ڪر"

مخدوم طالب المولىٰ جي چوڻ مطابق " وائي" بيت، مدح يا سنڌي قصيدن مان نهي آهي، ڇو ته انهن ٽنهي صنفن جو گهاڙيٽو ساڳيو آهي.

غني غمدل پنهنجي مٿين وائيءَ ۾ "ڇوڪري" کي موضوع بڻايو آهي. وائي ۾ تمام سطحي قسم جون سوچون لکيون اٿائين، جيئن هوءَ مون سان ڄامشوري پل تي گڏجي گهمندي سو به هٿ هٿ ۾ ڏئي، گلابن جا گل هڻندي ۽ منهنجو نالو چاهه مان ڪڻندي سڄي وائي پڙهڻ بعد معلوم ٿئي ٿو ته هي شاعر

زلف جي قيد ۾ بند ڪان اجا تائين آجو نہ ٿيو آهي ۽ تڏهن ئي تہ سندس وائيءَ ۾ ڪي بہ چرڪائيندڙ احساس سمايل نہ آهن.

## غزل

بهار آيو نہ يار آيو اسان جي دلڙي رڙي پئي آ
سڪن اسان ڪان ڦٽائي ياري، اسان جي دلڙي پري پئي آ
اڙي زمانا ميار توتي، اسان جي ناهي خدا ٿو ڄاڻي،
ڏکن مٿان جي ها ڏکڙا آيا، اسان جي دلڙي ڏري پئي آ.
وفا اوهان ۾ رهي نہ آهي، اوهان تي ڪائي ميار ناهي،
نہ باهہ هاڻي وسامي سگهندي، اندر ۾ جيڪا ٻري رهي آ.
ميار ڪهڙي اوهان تي آهي، ميار ڪهڙي ڏجي انهن کي،
نہ ڳار ايڏو تون ڳڻتين ۾ اڳيئي دلڙي ڳري پئي آ.

مٿئين غزل ۾ غمدل ابتا سبتا حوال ڪري قافين جي پورائي ڪئي آهي ۽ هرويرو ساڳيون ڳالهيون ورجايون آهن. غزل جي شروعاتي هيٺين سٽ ۾ چيو اٿائين تہ ”دل پري پئي آ“ واضح نہ ڪيو اٿائين تہ دل خوشين سان ڀريل آهي يا غمن سان. ساڳئي غزل ۾ هڪ ٻي وڏي ڪچائي هيءَ بہ آهي تہ ميار ناهي، ميار ڪهڙي، ميار ڪهڙي ڏجي، وارو جملو هر هر ۽ هرويرو ورجايو آهي. جنهن مان شاعر جي ذهني وسعت ظاهر ٿئي ٿي. غمدل جو هڪ ٻيو غزل پڙهون ٿا، جيڪو پڻ ڇپيل آهي:

### غزل

ڌاڙيلن جا يار هزارين
چورن جا سردار هزارين
دل جو گل ڪوماڻيل آهي،
چا پو ڪندا بهار هزارين،
سنڌو ۾ جو پاڻي ناهي،
اس تي پيا هن چار هزارين،
ڪيئي ڪونڌر ڪسجي ويا هن،
روئندا وتن ٿا پار هزارين.

هن غزل ۾ ”غني غمدل“ ديس جي درد جي ڪٿا بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. فڪري

حساب سان هي غزل ايترو سنو ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ غزل ۾ ڏنل تشبيهون تمام ساديون ۽ بي مقصد آهن، مثال سنڌوءَ ۾ جو پاڻي ناهي اس تي پيا هن ڄار هزارين. شاعر سنڌوءَ ۾ پاڻي ناهي جي ڳالهہ ڪندي احساس ڏياريندي چوي ٿو تہ اس تي ڄار پيا آهن، هيءَ ڪا ڇرڪائيندڙ تشبيهہ ڪانهي، ڄار اس تي ڇوڙ بجاءِ ڌرتي اجاري ڏيکاري ها، پوڪون سڪندي سڙندي ڏيکاري ها، مال متاءُ اڃ مرندي ڏيکاري ها، تہ پڙهندڙن کي سنڌوءَ جي سڪڻ جو احساس بہ ٿئي ها. ”غمدل“ ڄار اس ۾ پيل ڏيکاريا آهن. اها ڪا دل کي ڇهندڙ تشبيهہ تہ ڪانهي.

ڪيئي ڪونڌر ڪسجي ويا هن،
روئندا وتن ٿا ٻار هزارين.

شاعر ڪونڌر ڪسجي وڃڻ بعد ٻارن کي روئندو ڏيکاريو آهي. ٻارن جو روئڻ ۽ ڪلڻ فطري عمل آهي، اڄ بک، سيءَ تپ ۾ بہ ٻار روئندا آهن، هونئن بہ ” روئندا وتن ٿا ٻار هزارين“ سٽ گردان ۾ وڏي ٿي وڃي، تنهن ڪري هنن سٽن کي هينئن لکجي تہ:

ڪيئي ڪونڌر ڪسجي ويا هن
ٻاڪارن ٿا ٻار هزارين

غزل جي شروعات واري تشبيهہ بہ غلط آهي. سٽون ٻيهر لکون ٿا:

ڏاڙيلن جا يار هزارين
چورن جا سردار هزارين.

مٿين سٽن ۾ هينين سٽ چورن جا سردار هزارين ڪا خاص معنيٰ نٿي ڏئي، جيڪڏهن هينئن لکجي تہ بهتر ٿيندو. مثال

ڏاڙيلن جا يار هزارين،
چورن پاٿاريدار هزارين.

جيڪڏهن نئين ٽهيءَ جي شاعرن جي لکڻين تي جائزو تنقيد/ اصلاح نہ ٿي تہ سندن لکڻين ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي فني ۽ فڪري ڪوتاهيون رهجي وينديون. پوءِ ائين ئي ٿيندو تہ اڳتي هلي سندن سموري ڪمائي نيٺ ” پاڻي ولوڙڻ“ ثابت ٿيندي.

***

# عبدالرحمان مهيسر : شخصيت، فن ۽ فڪر تي هڪ نظر

سگهڙ عبدالرحمان مهيسر ولد حافظ محمد صالح پهرين نومبر 1945ع تي خيرپور ميرس جي ڳوٺ رفيق مهيسر ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي ديني تعليم پنهنجي والد محترم وٽان حاصل ڪيائين جتي هو ناظره قرآن شريف ۽ پنج پاره حفظ ڪري سگهيو ۽ پوءِ انگريزي تعليم ميٽرڪ تائين حاصل ڪيائين. سگهڙائپ ۾ سندس ابتدائي استاد سنڌ جو مشهور سگهڙ حاجي فقير مهيسر هو ۽ پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي صحبت به ڪيس رنگ لاتو.

پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، خيرپور ۽ ڪراچي تان ڪيترائي پروگرام ڪندو رهيو. جڏهن ته پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي تي سنڌي پروگرامن جهڙوڪ مهراڻ رنگ، سنڌ سينگار، اوطاق، ڪچهري ۽ رس رهاڻ ۾ پاڻ ملهائي لوڪ ادب جي وڏي خدمت ڪندو رهيو. سندس اهڙي خدمت عيوض ڪيس حياتي ۾ ئي ڪيترن ايوارڊن سان نوازيو ويو. جنهن ۾ بهترين سگهڙ جي حيثيت ۾ سچل سرمست ايوارڊ 1994ع ۾ سنڌ سگهڙ ڪانفرنس ٺٽو آدم سنه 1985ع ۾ لطيف ايوارڊ ڪانسواءِ ٻيا ڪوڙ ايوارڊ، ٽرافيون ۽ سرٽيفڪيٽ شامل آهن. هي فقير 7 مئي 2007ع تي وفات ڪري ويو.

**فن:**

ڪتاب مهيسر جي مام جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته سگهڙ عبدالرحمان مهيسر سنڌ جي انهن ناميارن سگهڙن مان آهي. جن پنهنجي اعليٰ سگهڙ پائي جو نالو روشن ڪيو.

عبدالرحمان مهيسر کي بيت لکڻ تي عبور حاصل هو. هو ويٺي ويٺي پنهنجو بيت جوڙي وٺندو هو. اهڙي طرح سندس مهل موقعي جا بيت پڻ پڑهڻ جهڙا آهن. هن بيت ڪافيون، حمد، نعتون، لکيون، جيڪي سندس ڪتاب مهيسر جي مام ۾ ڏنل آهن. ان ڪانسواءِ ٽيهه اکري ۾ نبي سڳوري جي صفت، معجزو، هرٽيءَ وارو پٽائي پلارو، آجيان جا بيت، سينگار جي شاعري، ڏور، ڏٺ، پرولي، سريتيون ڳجهارتون پڻ تمام سهڻي نموني لکيون اٿائين. ايتري قدر جو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب سنڌي هنر شاعري ۾ به هنر جا بيت سگهڙ عبدالرحمان مهيسر جا ڏنا آهن. ان مان سندس فن جي بلندي ظاهر ٿئي ٿي.

**فڪر:**

فڪري حوالي سان هي فقير نهايت ڪشادو ذهن رکندڙ نهايت سچو انسان هو. سندس بيتن مان سڪ سونهن ۽ محبت جا موضوع جهلڪندا نظر اچن ٿا. پاڻ هڪ سچي مسلمان هجڻ جي ناتي سچي سرور محمد مصطفيٰ صہ جن جي شان ۾ عقيدت ۾ هينئن لکي ٿو.

يا محمد مصطفيٰ عاصين اڙين آڌار تون،
انبيائن اوليائن سيني سندو سردار تون.

فقير عبدالرحمان کي 9 مئي 1988ع تي ( 23 رمضان المبارڪ) مديني شريف روضي پاڪ جي زيارت نصيب ٿي ۽ اتي هينيون سلام پيش ڪيائين. جنهن مان نموني طور ڪجهہ سٽون ڏجن ٿيون.

منا مير مرسل تون مدني موچارا،
سلام توتي سائين آ سرور سونهارا.

اهڙي طرح هن فقير جي ڪلام ۾ محبت پريون ڳالهيون ملن ٿيون. پاڻ محبت پرين محفل ۾ ويهڻ پسند ڪرڻ ڪري ٻين ماڻهن کي بہ اهڙين محبتي ماڻهن جي محفلن ۾ ويهڻ لاءِ نصيحتون ڪندو هو. سندس بيت ۾ بہ اهڙو پيغام موجود آهي.

چوي ٿو تہ:

محبتن جي مجلس ڏي ڪڏي وڃ ڪهي،
اجائين پيو افراد تون وڃائج ڪين وهي،
قربدارن جي ڪچهريءَ مان ايندين لعل لهي،
پوءِ سڏبين سگهڙ سهي اوڙي پاڙي عبدالرحمان چئي.

هي فقير پير سائين پاڳاري جو مريد هو. پنهنجي مرشد جي

لاءِ چيل سندس شاعري پڻ پڙهڻ جهڙي آهي. لکي ٿو تہ:

منو مرشد موچارو آهي منهنجو پير پاڳارو،
اچي ٿيو نسنگ نروارو، ڪامل ڪلنگي وارو.
جهڙس جڳ ۾ ڪونهي جاني ڏينهن سارو سندس ڏاني
صورت ۾ ڪو ڪونهي ثاني پلي ڏسو ملڪ سڀ سارو.

هن وقت فقير عبدالرحمان مهيسر جسماني طور اسان وٽ موجود ڪونہ آهي پر سندس فڪر اسان سان گڏ آهي. هونئن بہ اهڙن سالڪن کي موت ڇا ماريندو.

***

# ”اسين ناهيون اوپرا“ جو تنقيدي جائزو

آڪٽوبر 2008ع ۾ نوجوان شاعر نياز ملاح جو شعري مجموعو ” اسين ناهيون اوپرا“ ڇپجي مارڪيٽ ۾ پهتو آهي. ” اسين ناهيو اوپرا“ 111 صفحن تي مشتمل شعري مجموعو آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر بشير احمد شاد لکيو آهي. جڏهن ته مجموعي جي پٺئين پاسي سرڪش سنڌي، اختر درگاهي ۽ سميع بلوچ جون ڪجهه سٽون ڏنيون ويون آهن. ڊاڪٽر بشير احمد شاد مهاڳ جي آخري سٽن ۾ لکي ٿو ته ” نياز ملاح جديد سنڌي شاعري ۾ نئين ٿهيءَ جي اڀرندڙ شاعرن مان پنهنجي وک اجا تيز ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي پر مان کيس ايترو ضرور مشورو ڏيندس ته مقدار جي موهه ۾ ڦاسڻ بدران معيار جي موهه واري مومل تي پنهنجا نيڻ ڄمائي رکندو ته سنڌي شاعري جي تاريخ سندس نالي ۽ حوالي کي ڪڏهن به نظر انداز نه ڪندي.

مون کي چڱي ريت ياد آهي ته 2 سيپٽمبر سال 2006ع جي رات جو گمبٽ ۾ نياز ملاح جي مجموعي ” چنڊ، هوا ۽ نياز“ جي مهورتي تقريب ٿي هئي، جتي ناميارو شاعري تاجل بيوس پنهنجي تقرير ۾ چيو هو ته مون ”چنڊ هوا ۽ نياز“ جو مطالعو ڪيو آهي. ڪتاب ۾ هر صفحي تي نياز جي بي وزني شاعري موجود آهي، نياز کي اڃان ڇهه مهينا پڙهڻ گهربو هو. سندس شاعري ۾ جماليات قدر نه آهن، ٻين جو درد گهٽ آهي، نياز جيڪڏهن ڌرتي ۽ جنم ڀوميءَ کي محبوب بڻائي ها ته سندس فڪر ۾ رنگ جهلڪندو نظر اچي ها“

هن وقت جڏهن نياز جي هن مجموعي ” اسين ناهيون اوپرا“ تي نظر ڦيرائجي ٿي ته اهو ئي معلوم ٿئي ٿو ته نياز ملاح صاحب معيار بدران مقدار پٺيان ڊوڙ پائي رهيو آهي. وزن بحر جي گهرڙ گهوٽ کان هٽي ڪري ڏسبو، تڏهن به نياز جي هن شعري مجموعي ۾ گهڻيون ئي فڪري ڪوتاهيون نظر اچن ٿيون. صفحي نمبر تي سندس وائي آهي:

سر جي سين هٽي
ٻيجل ٻاراٽي ڪئي
جهونا ڳڙهه جلي ويو
پوءِ به نه بات بٽي
ٻيجل ٻاراٽي ڪئي

وائي جي وراڻي ” ٻيجل ٻاراٽي ڪئي“ ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي، نياز کي اها به ڄاڻ آهي ته جهونا ڳڙهه جو راڄ ڏٽي راءِ ڏياچ هو جنهن سان راڻا انيراءِ سورٺ جي سڱ تي جنگ ڪئي. ( سورٺ انيراءِ جي ڏيءَ هئي) ٻارنهن مهينا گهيرو ڪرڻ کانپوءِ به جڏهن انيراءِ کي سوڀ نصيب نه ٿي ۽ آخر موٽي ٿالهه مهرن سان ڀري سڄي ملڪ ۾ هوڪو ڏياريائين ته جيڪو راءِ ڏياچ جو سر وڍي ايندو،

تنهن کي هي ٽالهه ملندو. ٻيجل جي زال اهو ٽالهه وٺي رکيو ۽ وچن ڏنائين ته ” گهوڙم راءِ ڏياچ جو سر وڍي ايندو“ ٻيجل لاچار ٿي سرندو سينگاري جهونا ڳڙهه ڏانهن راهي ٿيو ۽ راءِ ڏياچ جي محل وٽ رسي تند تنواريائين. سندس سرندي جي آواز راجا جي دل کي گهائي وڌو ۽ اهڙي طرح ٻيجل سرندو وڄائي هڪ سخي انسان جو سر وڍيو.

محترم نياز ملاح به پنهنجي هن وائي ۾ انهيءَ ئي واقعي کي مرڪز بڻايو آهي. جيڪو نيڪ آهي پر وائيءَ جي وراڻي ۾ ٻيجل ٻاراٽي ڪئي - ٻيجل ٻاراٽي ڪئي“ واري سٽ بلڪل غلط آهي. چاڪاڻ ته ٻار ٻاراڻپ ۾ ڪا غلطي به ڪندا آهن پر سندن من ميرو ناهي هوندو ۽ ٻار تنهن ڪري ئي معصوم ٿيندا آهن. ٻيجل سوچيل سمجهيل سازش تحت ئي ڪلهي منجهه ڪينرو پائي گهران نڪتو هو ۽ سرندي جي تار عيوض ڪو دان گهرڻ بجاءِ سر جي سين هنئين هڻائين. ٻيجل سر جي سين هٽي ٻاراٽي ڪونه ڪئي هئي. هن ته هڪ سخي مرد سان ٻيائي ڪئي هئي ۽ ان ٻيائي کي نياز ملاح ٻاراٽي ٿو سڏي. جيڪڏهن اڳواٽ جوڙيل منصوبي کي ڪوئي ٻاراٽي ٿو سڏي ته اها سندس عقل جي گهٽتائي ناهي ته ٻيو ڇا هي..... ؟

نيرو آسمان
نير وهائي ٿو
سکن جي سنسار ۾
اڇوڪو انسان
نير وهائي ٿو

سکن جي سنسار ۾ ڪنهن کي لوڙ پئي آهي جو نير وهائيندو؟ سک جو سنسار هجي ۽ اتي انسان روئي ۽ نير وهائي اهو غلط آهي. نير تڏهن وهائبا آهن. جڏهن ڏک، غم ۽ تڪليف محسوس ڪبي آهي ۽ جڏهن انسان لاءِ اهڙيون ڏاکڙن واريون گهڙيون هجن. پوءِ سکن جو سنسار ڏکن جي دنيا بڻجي ويندو. تنهن ڪري مٿين سٽن کي هيٺئن لکڻ گهرجي ته:

نيرو آسمان
نير وهائي ٿو
ڏکن واري ڏيهه ۾
اڇوڪو انسان نير وهائي ٿو

صفحي نمبر 38 تي غزل جي مقطع وارين سٽن ۾ نياز لکيو آهي ته: پيار جي پنڌ ۾ مون کي نياز! شاعري سو تجربا ڏيندي رهي.

جڏهن ڪو پانڌي ڪنهن پنڌ تي راهي ٿيندو آهي، تڏهن پانڌيئڙو دڳ پيچرا ڀَسي ازخود سوين تجربا حاصل ڪري وٺندو آهي پر هتي ڪجهه ٻيو نظر ٿو اچي ۽ پيار جي پانڌي کي شاعري سو آسرا ڏيڻ بجاءِ سو تجربا ٿي ڏئي.

منهنجي خيال ۾ مٿين سٽن کي هينئن لکڻ گهربو هو ته:
پيار جي پنڌ ۾ مون کي نياز
شاعري سو آسرا ڏيندي رهي.
صفحي نمبر تي وائي جون سٽون آهن ته:
تنهنجي ئي تخليق تي
ٿو هاري ڇو خاموش تون

هن وائي ۾ نياز ملاح صاحب خالق سان مخاطب ٿيندي. ڪائنس سوال ٿو ڪري ته او خالق! ڪوئي تنهنجي تخليق جي مٿان چانهه ٿو هاري ۽ تون خاموش آهين. شاعر جيڪو چانهه هارڻ وارو تخيل پيش ڪيو آهي, اهو تمام سطحي قسم جو آهي. اڄ جا ظالم ائٽم بم سان ساريءَ ڌرتيءَ تان خالق جي تخليقن کي ميسارڻ چاهين ٿا ۽ اهڙو ظلم دنيا اندر ٿي رهيو آهي. مذهب جي آڙ ۾ انسانيت جو خون وهائيندي ويرم نٿا ڪن. خالق کي اهڙي وارتا ٻڌائڻ بجاءِ چانهه جي ڳالهه ڪري شاعر پنهنجي ذهني وسعت جو ثبوت ڏنو آهي. تنهنڪري کيس هينئن لکڻ گهرجي ته:
تنهنجي ئي تخليق کي
ڪو ناحق ميساري
خالق ڇو خاموش تون.
نياز ملاح جي هن مجموعي " اسين ناهيون اوپرا" ۾ سندس چوسٽا به شامل آهن,جن تي پڻ هڪ نظر ڦيرائجي ٿي.

سور سختيون سهي هليو ويندو.
هوريان هوريان ڍهي هليو ويندو.
ڏينهن ويندو ۽ رات ٿي ويندي,
سچ آخري لهي هليو ويندو.

ڏينهن ويندو ۽ رات ٿي ويندي يا سچ آخر لهي هليو ويندو. واريون ڳالهيون ڪندي نياز اهو نه سوچيو ته هي آئون ڇا پيو لکان. رات اچڻ سان اونداهي ڇانئجي ويندي آهي. اونداهي ظلمت جي علامت آهي. نياز پهريون شاعر آهي جيڪو رات ٿيڻ واري ڳالهه ڪندي سرخرو ٿئي ٿو. نياز جيڪا ڳالهه ڪرڻ چاهي آهي, اها کيس نه ڪرڻ آئي آهي, کيس ساڳيو خيال هنن سٽن ۾ لکڻ گهرجي ته:

سور سختيون سهي هليو ويندو.

هوريان هوريان ٻهي هليو ويندو،
ڏينهن ٿيندو ۽ رات ويندي هلي،
گهگهه اونداهه لهي هليو ويندو.

صفحي نمبر 58 تي نياز جي هيءَ وائي پڻ ڪنهن ڪاريگر جو ڌيان طلبي ٿي:

من هي ڪائي مات،
نيٺ ته ڪٽندي رات،
نيٺ ته ٿيندو سوجهرو،
جاڳي پوندي جهٽ ۾،
منهنجي رتل ذات،
نيٺ ته ٿيندو سوجهرو.

وائي جي مٿين سٽن ۾ نيٺ ته، نيٺ ته 2 ڀيرا استعمال ٿيل آهي، جيڪا پڻ ڪوتاهي ليکبي، ٻيو وري اهو واضح ڪونه آهي ته ڪير ڪنهن کان ٿو مات کائي؟؟ ٿيون وري رتل ذات جهٽ ۾ پرچڻ بجاءِ جاڳي پوڻ جي ڳالهه ٿو ڪري، ذات رتل اٿس ته جهٽ ۾ پرچڻ جي ڳالهه ڪري پر جيڪڏهن جاڳي پوڻ جي ڳالهه ڪئي اٿائين ته پوءِ ذات ستل ڏيکاربي، ڇاڪاڻ ته رتل پرچندي آهي ۽ ستل جاڳندي آهي.
سندس هڪ وائي جون سٽون آهن ته:

خبر ناهي ڇاڪاڻ،
منهنجي مونجهه لهي نٿي،
تنهنجي آئي ٿي وئي
چوڏهين جي چانڊاڻ،
منهنجي مونجهه لهي نٿي.

مٿين سٽن ۾ شاعر محبوب سان مخاطب ٿيندي چوبس ٿو ته تون آيو آهين ته چوڏهين جي چانڊاڻ ٿي ويئي آهي پر پوءِ به شاعر جي مونجهه نٿي لهي، جنهن جي آئي سرهو ٿئي ۽ چوڏهين جي چانڊاڻ محسوس ٿئي پر من جي مونجهه نه لهي اها ڳالهه منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي، باقي نياز ملاح خود سمجهائي سگهي ٿو ته راز ڇا آهي؟
چوندا آهن ته شاعر لاءِ هي به ڳالهيون نهايت خراب آهن. هڪ ته نا آشنا جي واهه واهه " ۽ ٻيو

وري“ پارکوءَ جي خاموشي” اهو ئي سبب آهي جو نياز جي شاعري ۾ سندس سيبتيون ستون ڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيتريون مس ٿينديون. اسان جي هن نوجوان اجا بہ جيڪڏهن پنهنجي شاعري طرف سنجيدگي سان نہ سوچيو تہ پوءِ سندس فڪر پڙهندڙن لاءِ لاپائتو ثابت ڪونہ ٿيندو. هونئن بہ استاد بخاري چئي ڏنو آهي تہ:

ڪلفت ڪني ڪرڻ کان محبت رتي چڱي آ.
ڪوڙا قصا ڪٹڻ کان هڪ ست سچي چڱي آ.

***

# شاعر وحيد محسن : غزليه شاعري جو اڀياس

**غزل** سنڌي شاعري جي هڪ اهم صنف آهي جو جوهن جو تعلق انسان جي لطيف جذبن سان آهي. غزل جي تعريف ڪندي علامه آءِ آءِ قاضي لکي ٿو ته: ”غزل اصلي عربي زبان مان نڪتو آهي ۽ سندس معنيٰ آهي تغزل يعني سهڻن سان محبت جون ڳالهيون ڪرڻ. پر هڪڙو ٻيو لفظ آهي جنهن ۾ تلفظ به تقريبن ساڳيو آهي. اهو آهي غزالا جنهن جي معنيٰ آهي ڪتڻ يا وتڻ (ڏاڍي کي وتڻ يا ڪتڻ) مون کي پڪ آهي ته تغزل جو لفظ اصل ۾ غزاله لفظ مان ورتل آهي. ڏاڍو ڪتڻ يا نوڙي وتڻ واري معنيٰ ان پوءِ اختيار ڪئي آهي. هڪ ٻيو لفظ غزال آهي جنهن جو اچار يورپ وارا غزيل ڪندا آهن. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته غزل ان لفظ مان نڪتو آهي پر جيڪڏهن ان مان نڪتو آهي تنهن هوندي به هرڻي (غزالا) جي اچانگ ۽ غزل گو شاعرن جي خيالن جي پرواز ۾ ڪافي هڪ جهڙائي آهي.“

چون ٿا ته غزل اسان وٽ فارسي جي وسيلي آيو. ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ سنڌ ۾ فارسي ٻولي جوا يترو ته اثر وڌي ويو جو سنڌي شاعر پنهنجي ٻولي وساري فارسي ٻولي ۾ شاعري ڪرڻ لڳا. ڪلهوڙن جي دور ۾ تڪڙ جي ڪجھ شاعرن سنڌي ۾ غزل جي شروعات ڪئي. غزل جو اوائلي دور ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور کي سڏين ٿا. جڏهن ته انگريزن جي دور ۾ پڻ سنڌي غزل تمام گهڻي ترقي ڪئي ۽ هن دور ۾ تمام گهڻا غزل گو شاعر پيدا ٿيا. غزل جو جديد دور ورهاڱي کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. هن دور ۾ غزل جي صنف ۾ نوان نوان تجربا ٿيا آهن ۽ غزل کي هڪ نئون دور مليو آهي. هن دور ۾ اياز، استاد ۽ تنوير نالي وارا شاعر ٿي گذريا آهن. انهن کان پوءِ به نوجوان شاعر پنهنجي ذات جا ڏيئا ٻاريندا رهن ٿا.

شڪارپور سان تعلق رکندڙ هڪ نوجوان وحيد محسن به هن صنف سان سنو نياءُ ڪيو آهي. ڪجھ سال اڳ ادبي ڪيتر ۾ مون سندس تخليق جو جائزو ورتو ته مون کي ائين محسوس ٿيو ته اڳتي هلي وحيد محسن هڪ بهترين شاعر ثابت ٿيندو ۽ ٿورڙي عرصي اندر هن اهو ثابت به ڪري ڏيکاريو.

آئون دعويٰ سان چوان ٿو ته سنڌ ۾ ٽئلنٽ جي کوٽ ڪانهي. هڪڙي پنيان ٻيو ۽ ٻئي پنيان ٽيون ذات ڌٽي جنم وٺندو رهي ٿو. هونئن به ياڳين جا ياڻ خالي ناهن ٿيندا. اسان وٽ جيڪڏهن اهڙا شاعر پيدا ٿيندا رهيا ته پوءِ جديد سنڌي شاعري کي هندي ۽ انگريزي شاعري سان ميچي سگهبو.

وحيد محسن جي غزل ۾ سونهن جهلڪندي نظر اچي ٿي. سندس شاعري ۾ لفظن جي جوڙ روانگي ۽ تخيل سان نياءُ ڪيل نظر اچي ٿو. هن پنهنجي شعر ۾ نيون تشبيهون ۽ استعارا استعمال ڪيا آهن ۽ ڪيترن هنڌن تي نوان قافيا ناهيا آهن.

سادگي ۾ سکي اچ وٺي تي پيئي
نانءُ منهنجو وري هو ڪٽي تي پئي

وار واسينگ جنهن جا ڏنگن ٿا پيا
پوپري پيار جا گل هٽي ٿي پئي

وحيد محسن جا غزل، بحر، وزن جي ڪڙي ڪسوٽيءَ مان نڪتل آهن. تڏهن ئي سندس هر غزل ۾ موسيقي ۽ ردم موجود آهي وحيد محبوب بنا اباڻڪو نظر اچي ٿو ائين ٿو چئي ته:

سڄڻ اوري آ، دوري ڇڏ، ساهه سڪي ٿو ۽ حياتي هٿن مان وڃي ٿي

مطلب ته هي شاعر محبت جي مامري ۾ جڪڙيل نظر اچي ٿو.

حياتي وڃي ٿي هٿن مان ته يارو
سڄڻ آءُ اوري سڪي ساهه سارو
اجالا ڏنم رنگ جوڀن سندس مون
مگر پوءِ به ايندو ڪراڙپ جو وارو.

وحيد محسن جا غزل همت، حوصلي ۽ بهادري جا سبق ڏين ٿا. ظالم سان وڙهڻ، حق وٺڻ، عزت سان رهڻ وغيره اهڙا قدم آهن، جيڪي هر غيرتمند قوم ۾ هوندا آهن ۽ اهي سبب سندن بقا جو سبب به هوندا آهن. وحيد چوي ٿو ته

ياد ناهي ڇڏي مون ڪڏهن سنڌ جي
وٺ وٺان ڪيل ۾ ياد مون کي ڪجان
ڏاريو جي ڪري ڪا دغا سنڌ سان
ديس جي پيل ۾ ياد مون کي ڪجان.

جيئن ته غزل جي لغوي معنيٰ آهي، عورت سان محبت جي گفتگو ڪرڻ، تنهن ڪري غزل جون خاصيتون به هن ئي موضوع مطابق هئڻ گهرجن. ماهرن جي راءِ موجب غزل کي حسن ۽ عشق جي وارداتن ۽ محبوبن جي ناز ۽ نخرن سان سينگارڻ گهرجي. غزل ۾ شيرين ۽ نرم ٻولي استعمال ڪجي. غزل ۾ نهٺائي ۽ انڪساري هئڻ گهرجي ۽ غزل ۾ هرويرو قافين جي پورائي لاءِ لفظ ٽوڙي مروڙي نه پيش ڪرڻ گهرجن ۽ آئون سمجهان ٿو ته وحيد محسن جي غزل ۾ اهي سموريون خاصيتون موجود آهن، هڪ سڪي سان عشق جا احوال اوريندي چوي ٿو:

ٻاڳن واري آهين من تون
سونهن به ساري آهين من تون
کهڙو توکي نانءُ ڏيان مان
الفت ڏاري آهين من تون

غزل جو بنيادي موضوع صرف عشق ۽ حسن آهي پر عشق کان سواءِ غزل ۾ ٻين ڪيترن موضوعن سان نباءُ ڪيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر اياز قادري لکي ٿو ته:

”اها ڳالهہ درست آهي تہ غزل حسن ۽ عشق جي معاملن جي تصوير سهڻي ۽ وڻندڙ نموني ڪئي آهي ۽ عشق جي هر ڳالهہ کي ذري پرزي بيان ڪيو آهي پر ان ۾ عشق جي موضوعن سان گڏ زندگي جي مختلف پهلوئن جو احساس ۽ انهن جي ترجماني بہ آهي. غزل ۾ تصوف ۽ طريقت جا راز ۽ اسرار نهايت دلنشين انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن ۽ اخلاق جا سبق نهايت سهڻي نموني سيکاريا ويا آهن.“ (سنڌي ادب جو مختصر جائزو: ص 98) اياز قادري جي بيان جي روشني ۾ وحيد محسن جي غزل جو مختصر جائزو وٺجي ٿو.

## حسن ۽ عشق:

حسن انساني زندگي جو بنيادي قدر آهي ۽ هر انسان کي حسن پاڻ ڏانهن ڪشش ڪندو آهي. چون ٿا تہ عشق جو بنياد حسن آهي ۽ حسن کان سواءِ عشق نہ ٿيندو آهي. عشق ۽ حسن غزل جو بنيادي موضوع آهي تنهن ڪري هن نوجوان عشق ۽ حسن جي موضوع سان گهڻو رچاءُ ڪيو آهي. وحيد محسن پنهنجي هڪ غزل ۾ هيئن لکي ٿو تہ:

مان اچان ٿو پرين گيت تو ڏي کڻي
يار تنهنجي سڄڻ سڪ لڳي آ گهڻي
وار کولي سکي ٿي هلي مور جان
مان ڏيان سونهن کي ور ڦڻي ور ڦڻي

شاعر جيئن تہ نهايت حساس طبيعت جا مالڪ هوندا آهن، تنهن ڪري پنهنجي آس پاس ٿيندڙ سرگرميون، اوچ نيچ، معاشري ۾ مختلف فردن سان ٿيندڙ ورتاءُ يا وري مايوس چهرن جون مجبوريون پرکي ۽ پروڙي وٺندا آهن. وحيد محسن بہ هڪ حساس طبيعت جو هوشناڪ شاعر آهي.

وٽس سماجي شعور آهي. وحيد سمجهي ٿو تہ هت روز عقوبتون ٿين ٿيون. ڳوٺ جيڪي پيار پريت جا مرڪز هئا اتان ڳوناٽا لڏي شهرن جو رُخ ڪن ٿا. ماڻهو مايوس ٿي ويا آهن. وحيد محسن اهڙن مايوسي ماريل ماڻهن لاءِ حوصلو ڏيندي ۽ ٿو ۽ هي سٽون ٿو لکي تہ:

هاڻ ڪين هاريو زندگي سڏي پئي
ديس جي تنوار لوڪ کي گڏي پئي.
روز هت عقوبتون ۽ انهي حال ۾
ڳوٺ کان شهر ڏي زندگي لڏي پئي

آئون سمجهان ٿو تہ وحيد محسن کي بهترين غزل گو شاعر جيڪڏهن چئجي تہ ڪو حرج ڪونهي. اهو سندس حق آهي. هو سچو پچو شاعر آهي، امن ۽ پيار جو پوڄاري آهي. ننڍي عمر ۾ کيس جيڪا بہ شهرت ملي آهي. اها سندس مسلسل محنت ۽ محبت جو نتيجو آهي. ڪو سينئر اديب يا ايڊيٽر ڪا دعويٰ ڪونہ ڪندو تہ وحيد کي وحيد محسن اسان بڻايو آهي يا کيس مقبول ڪرڻ وارا

اسين آهيون.

منهنجي دعا آهي تہ وحيد محسن سنڌ جي سورن تي لکندو رهندو. مظلومن جو آواز بڻجي قلم سان اجان بہ پنهنجي فڪري گهرائيءَ سان نڪور غزل لکندو رهندو ۽ مون جهڙا ڪيترائي ماڻهو سندس پرستارن ۾ شامل ٿيندا رهندا..............

هڪ جواني نيڻ تنهنجا هن غزل ڙي
سونهن ڪي کهڙي پئي سينگار جي آ.
سوچ منهنجي آ سگهاري وقت ڪان پڇ
چو تہ محسن ڪي خبر حقدار جي آ.

❋❋❋

# درد دکڻ ڻا، ساهہ ڻو ساري

## عظيم گلوڪاره نورجهان جي حوالي سان خاص لکڻي

22 سيپٽمبر 1926ع تي پنجاب جي هڪ ننڍڙي شهر قصور ۾ هڪ ٻارڙي پيدا ٿي، جنهن جو نالو الله رکي رکيو ويو. ٻارڙيءَ جو پيءُ پراڻن خيالن وارو ماڻهو هيو ۽ سندس ماءُ هڪ پردي دار ۽ گهريلو عورت هئي. هن ٻارڙيءَ کي ست ڀيڻ ڀائر هئا، جن مان هڪ ڀاءُ روزگار سانگي ڪلڪتي ۾ رهندو هيو. کيس موسيقي ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هيو ۽ وٽس پنهنجي دور جي ڪيترن ئي وڏن وڏن گلوڪارن جا ريڪارڊ پڻ موجود هئا، جن ۾ مختار بيگم ۽ اختري ٻائي فيض آبادي بہ شامل هيون. هڪ ڀيري جڏهن هو موڪلون گذارڻ پنهنجي گهر آيو تہ پنهنجو گرامو فون ۽ گانن جا ريڪارڊ بہ گڏ کنيون آيو. انهن ريڪارڊن ننڍڙي الله رکيءَ تي جادو ڪري ڇڏيو. هوءَ انهن ريڪارڊن کي ٻڌندي هئي، انهن جي آواز سان پنهنجو آواز ملائيندي هئي ۽ پوءِ پاڻ اڪيلي ڳائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي.

جلد ئي گهر وارن ان ٻارڙيءَ جي آواز ۾ هڪ ڪشش محسوس ڪئي ۽ پوءِ کيس سکيا لاءِ استاد غلام محمد قصوريءَ وٽ وٺي ويا. تن ڏينهن ۾ ڪلڪتي جي " ڪونٽيئن ٿيٽر" جي هڪ ٽيم نون آوازن جي ڳولا ۾ پنجاب جي مختلف شهرن ۾ گهمي رهي هئي. اها ٽيم جڏهن قصور پهتي تہ کيس الله رکيءَ بابت ٻڌايو ويو. ان وقت الله رکيءَ جي عمر رڳو ڇهہ سال هئي. ان ٽيم جڏهن الله رکيءَ کي ٻڌو تہ کيس ڪلڪتي اچڻ جي دعوت ڏني.

سندس والد ڪجهہ ڪروڌ ڪيو پر پوءِ الله رکيءَ کي پنهنجي وڏي ڀيڻ ممتاز سان گڏ ڪلڪتي موڪلي ڇڏيائين. سندن ڀاءُ تہ اڳ ۾ ئي ڪلڪتي ۾ رهندو هيو. ڪلڪتي ۾ پنهنجي دور جي مشهور ڳائڻيءَ ڪجن بيگم کيس پاڻ وٽ رهايو ۽ سکيا شروع ڪري ڏني. پوءِ سندس نالو بدلائي نورجهان رکيو ويو. ڪلڪتي ۾ رهڻ دوران ننڍڙي نورجهان کي هڪ فلم ۾ چائلڊ اسٽار جو ڪردار مليو. ان فلم جو نالو" سسئي پنهون" هيو. جنهن ۾ نورجهان سسئيءَ جي ننڍپڻ جو ڪردار ادا ڪيو. ان فلم کانپوءِ نورجهان لاءِ اسٽيج جا دروازا کلي ويا ۽ هن مختلف اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاري شروع ڪري ڏني. تنهن هوندي بہ هن جو پهريون شوق " ڳائڻ" ئي هيو. ننڍپڻ ۾ نورجهان ڪيترين فلمن ۾ چائلڊ اسٽار جو ڪردار ادا ڪيو انهن فلمن ۾ "فخر اسلام" ۽ "هير سيال" جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

ڪجهہ عرصي کانپوءِ نورجهان لاهور هلي آئي. لاهور تن ڏينهن ۾ پنجابي ۽ اردو فلمن جو مرڪز هيو هتي هن ڪجهہ پنجابي فلمن ۾ ڪم بہ ڪيو ۽ انهن ۾ گانا پڻ ڳايا. انهن ئي ڏينهن ۾ شوڪت حسين رضويءَ کيس پنهنجي فلم "خاندان" ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻ جي دعوت ڏني. هيروئن جي طور نورجهان جي اها پهرين فلم هئي. فلم ۾ هيرو جو ڪردار " درپن" ادا ڪيو هيو. فلم رليز ٿي تہ ننڍي کنڊ ۾ واهہ واهہ ٿي

وئي. ان فلم جا گانا ”پنڇي اڙجا“ ۽ ” ميري ليئي جهان مين نہ چين هي نہ قرار هي“ گهر گهر گونجڻ لڳا. ان فلم جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ نورجهان ۽ شوڪت حسين رضويءَ جي شادي ٿي وئي. ان وقت نورجهان جي عمر رڳو چوڏهن سال هئي.

ان ڪانپوءِ نورجهان جون ڪيتريون ئي فلمون رليز ٿيون, جن ۾ ”زينت“ ” انمول گهڙي“ ۽ ” جگنو“ خاص ذڪر لائق آهن. فلم ” زينت“ ۾ هن هڪ مسلمان بيواهہ جو ڪردار ادا ڪيو هو جنهن جو پٽ سندس مڙس جي وفات ڪانپوءِ پيدا ٿئي ٿو. ان فلم ۾ نورجهان جي الميائي ڪردار کيس الميائي ڪردارن جي ملڪہ بنائي ڇڏيو. ” انمول گهڙي“ هڪ نغماتي فلم هئي, جنهن جي موسيقي نوشاد ترتيب ڏني هئي. ۽ جنهن جا نغما ” آواز دي ڪهان هي“ ۽ ” جوان هي محبت, حسين هي زمانا“ اڄ بہ موسيقيءَ جي شوقينن کان وسريا ناهن. ” جگنو“ فلم ۾ نورجهان هيروئن هئي ۽ هيرو دليپ ڪمار هيو. ان فلم ۾ نورجهان جو ڪردار يادگار هيو. اها هندستان ۾ سندس آخري فلم هئي.

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ڪانپوءِ نورجهان پنهنجي مڙس سان گڏ پاڪستان هلي آئي, جتي سندس مڙس شوڪت حسين رضويءَ ” شاهہ نور اسٽوڊيو“ جي نالي سان هڪ فلم اسٽوڊيو قائم ڪيو. ان اسٽوڊيو ۾ نورجهان جو چاليهہ سيڪڙو حصو هيو. اهو پاڪستان جو سڀ کان وڏو اسٽوڊيو هيو. جنهن ۾ نورجهان ۽ شوڪت حسين رضويءَ گڏجي ڪيتريون ئي يادگار فلمون تخليق ڪيون. جنهن ۾ فلم ” چن وي“ بہ هڪ آهي. ان فلم ۾ هدايتون نورجهان ئي ڏنيون هيون ۽ اهڙيءَ طرح کيس پاڪستان جي پهرين عورت هدايتڪار جو اعزاز پڻ حاصل ٿيو. شوڪت حسين رضويءَ ۽ نورجهان جي رفاقت پندرهن سال هلي ۽ هڪ ڏينهن اهڙو بہ آيو جڏهن ٻئي ڌار ٿي ويا.

نورجهان جي ٻي شادي اداڪار اعجاز دراني سان ٿي. اعجاز شاديءَ کان هڪدم پوءِ نورجهان جي اداڪاريءَ تي پابندي لڳائي ڇڏي. نورجهان, جنهن دوپٽا, مرزا غالب, گلنار, انتظار ۽ ڪوئل جهڙين فلمن ۾ يادگار ڪردار ادا ڪيا هئا. ان پابنديءَ کي دل سان قبول ڪيو ۽ اهڙي طرح هن پنهنجو سمورو ڌيان موسيقيءَ تي ڏنو. موسيقي تہ سندس پهريون عشق هيو.

اداڪاري ڇڏڻ ڪانپوءِ نورجهان پنهنجي مداحن کي ڪيترائي يادگار گانا ڏنا. انهن ۾ هوا مين موتي برس رهي هين (فلم: آگ ڪا دريا) چلو اچا هوا تم ڀول گئي ( فلم: لاکون مين ايڪ) لي آئي ڦر ڪهان پر قسمت همين ڪهان سي.( فلم: سالگرهہ) ۽ چٺي ذرا سيان جي کي نام لک دي (فلم: دوستي) اهڙا گانا آهن جن تي نورجهان کي گلوڪاريءَ جو نگار ايوارڊ ڏنو ويو.

ان کانسواءِ بہ هن اهڙا لاتعداد گيت ڳايا, جيڪي فلم ڏسندڙن کان اڄ بہ وسري نٿا سگهن. ڪيتريون فلمون تہ اهڙيون بہ آهن, جيڪي رڳو نورجهان جي گيتن جي ڪري مشهور ٿيون. انهن فلمن ۾ ” هير رانجها“ ۽ ”دوستي“ جا نالا سرفهرست آهن.

1965ع جي پاڪ _ هندستان جنگ ۾ پڻ نورجهان اهم ڪردار ادا ڪيو. جنگ جي خبر ملندي ئي هوءَ ريڊيو پاڪستان پهچي وئي ۽ پنهنجون فني خدمتون پيش ڪيائين. ان جنگ دوران هن

ڪافي اهڙا نغما ڳايا جيڪي جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ بہ ٻڌندڙن جي ذهن ۾ محفوظ رهيا ۽ هاڻي بہ محفوظ آهن. اهو ئي سبب آهي جو جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ عوام کيس ” ملڪءِ ترنم“ جو خطاب ڏنو ويو ۽ تڏهوڪي صدر کيس حسنِ ڪارڪردگيءَ جي تمغي سان نوازيو.

نورجهان ڪيترن ئي سنڌي فلمن لاءِ پڻ گيت ريڪارڊ ڪرايا. اهي سمورا گيت اڄ بہ ڪنهن ڪان وسري نہ ٿا سگهن.

1. آيو سانوڻ آيو( فلم: گهونگهٽ لاهہ ڪنوار)
2. ڏاچي واليان موڙ مهاڙ وي(فلم: مومل راڻو)
3. اي ڪاش نہ اڀري ها سورج هي محبت جو(فلم: ڌرتي ۽ آڪاش)
4. ڪيئن حياتي گذاريان ( فلم: گهونگهٽ لاهہ ڪنوار)
5. درد دکن ٿا ساهہ ٿو ساري ( فلم: رنگ محل)
6. اي هوا آئون چو نہ کلان( فلم: گهونگهٽ لاهہ ڪنوار )
7. آءُ راڻا رهہ رات ( فلم: مومل راڻو)
8. منهنجا مديني وارا ( فلم: پنون عاقل)
9. آءُ توتان گهوري راڻا شال جيئن تون ( فلم: مومل راڻو)
10. ڪل دي آس پڄاوين پڄاوين ( فلم: گهونگهٽ لاهہ ڪنوار، محمد يوسف سان گڏ)
11. منهنجي پريت نئين منهنجو پيار نئون ( فلم: گونگهٽ لاهہ ڪنوار، محمد يوسف سان گڏ)
12. سنڌڙي جو شهباز قلندر ( غير فلمي)

نورجهان هن وقت اسان وٽ ڪونهي، پر سندس فن کي ڪو بہ زوال نہ ٿو اچي سگهي. سندس هڪ گيت : ” گائي گي دنيا گيت ميري“ لڳي ٿو تہ جڏهن هوءَ اهو گيت ريڪارڊ ڪرائي رهي هئي تہ اهو دعا جي قبوليت جو وقت بہ هيو. نورجهان جي اها دعا قبول ٿي وئي ۽ هوءَ سدائين لاءِ امر ٿي وئي.

***

# تعلقي گمبٽ ۽ آسپاس جي شاعرن جو ذڪر

تاريخ معصومي، تاريخ مظهر شاهه جهاني ۽ حزب الله آءِ سومرو جي لکڻين مان گمبٽ لفظ بابت معلوم ٿئي ٿو تہ هن علائقي جي هڪ شهر جو نالو گمبذ (قبو) هو. هي سر سبز علاقو تعلقي جو مرڪز آهي. قديم زماني ۾ گمبٽ رياست خيرپور جو ٽيون نمبر شهر هو ۽ هن وقت گمبٽ اجا بہ گهڻي ترقي ڪئي آهي. گمبٽ تعلقو علم ادب جو قديم زماني کان مرڪز رهيو آهي. هن علائقي ۾ ڪيترائي عالم استاد ۽ بزرگ ٿي گذريا آهن ۽ آئون پنهنجي هن مضمون ۾ تعلقي گمبٽ جي پسگردائي جي شاعرن جو ذڪر ڪيان ٿو تہ جيئن ڪجهہ گمنام شاعر بہ تاريخ جي ورقن ۾ سمائجي سگهن. ان کانسواءِ سندن ڪلام جو نمونو پڻ ڏنو اٿم.

## (1) سيد محمد بقا:

پير محمد بقا وينل سائدي تعلقو گمبٽ گهڻي مدت کان پوءِ متن مائٽن جي بي صلح جي ڪري ڳوٺ ڪنگري ۾ وڃي رهيو. پير سيد محمد بقا جي ولادت سن 1722ع ۾ ٿي. سندس نسب جو سلسلو سيد علي مڪي سان ملي ٿو. جيڪو دلوراءِ جي زماني ۾ سنڌ ۾ آيو. پير محمد بقا شاهہ سن 1198 هجري بمطابق 1783ع ۾ جام شهادت پيتو. سندس مزار شريف سنڌ جي تاريخي قبرستان شيخ طيب ۾ آهي. کيس چار فرزند ٿيا.

ڪلام

سچ لهي سانجهي ٿي، پکي پيا وڻين،
اڏر هينئر پؤنر ٿي اسهہ پد مٽين،
ٿوري ڏينهن گهٽين، ميڙو ٿيندو سڄڻين

## (2) ميان صاحب ڏنو فاروقي

درازي درويش ميان صاحبڏنو فاروقي عرف " حافظ" سچل سرمست جو ڏاڏو هو ۽ شاهہ ڀٽائي جو همعصر پڻ. فقير صاحبڏنو پهريان ڪلهوڙن بادشاهن وٽ ملازم هو. سندس ولادت. 1081 هجري بمطابق 1670ع ۾ ٿي. سندس بيت ۽ ڪافي جو رنگ نرالو آهي. سندس فڪر انساني وجود جو ترجمان ۽ شارح آهي. پاڻ 1192 هجري 1778ع ۾ وفات ڪيائون. سندس سلسلہ نسب حضرت عمر فاروق سان ملي ٿو.

ڪلام

ڪنين جو نينهن نهر سان ڪنين دہايا درياھ
صاحب ڏني جي ساھ سارو سمنڊ سمايو.

### (3) پير محمد راشد:

پير محمد راشد سيد محمد بقا شاھ جو نينگر هو. سندس ولادت 1170 هجري بمطابق 1756ع ۾ ٿي. پير محمد راشد 14_ 15 سالن جي عمر ۾ درگاھ کهڙا شريف ۾ مخدوم صاحبن وٽ ديني تعليم حاصل ڪندو هو. پاڻ وڏو ڪامل بزرگ ٿي گذريو آهي. سنڌي ۽ فارسي ٻولين ۾ سندس شعر ملي ٿو. سنڌي شعر ۾ بيت ۽ مولود ملن ٿا. پاڻ 29 رجب جمع ڏينهن سن 233 هجري بمطابق 1818ع ۾ وفات ڪيائين.

ڪلام

وحدت مان ڪثرت ٿي، آهي ڪثرت وحدت ڪل،
اندر ٻاهر سپرين، ڀول نہ ڀيءَ ڪنهن ڀل،
هو هنگامو هل مڙوئي محبوب جو.

### (4) سچل سرمست فاروقي:

سچل سرمست جو اصل نالو عبدالوهاب هو. ماڻهو کيس سچو سچل ۽ سچيڏنو سڏيندا هئا. پاڻ قرآن پاڪ جو حافظ هو. کيس عربي ۽ فارسي زبانن جي ڄاڻ هئي. کيس هفت زبان شاعر بہ سڏيو ويجي ٿو.

سچل سائين جي ولادت بابت بہ رايا آهن. پهريون رايو سن 1152 ھ ۾ بمطابق 1739ع ۽ ٻيو رايو 1170 ھ بمطابق 1756ع آهي. پاڻ 1242 ھ بمطابق 1927ع ۾ وفات ڪيائين. سندس مقبرو گمبٽ تعلقي جي ڳوٺ درازا شريف ۾ آهي.

ڪلام

پاڻ جلہ جلالہ پاڻ ئي جان جمال.
پاڻ ئي صورت پرينءَ جي پاڻ ئي حسن ڪمال.
سڀ سچوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي.

### (5) نانڪ يوسف:

نانڪ يوسف جي پيءُ جو نالو محمد هاشم ذات جو ڪوکر جهل مگسي بلوچستان جو وينل هو.

جتي 1208هه بمطابق 1793ع ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سچل سائين جو طالب ٿيو ۽ سن 1269هه بمطابق 1853ع ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار تعلقي گمبٽ ۾ اڳڙا پرسان فقير جي ڳوٺ ۾ آهي. سنڌي کان سواءِ سرائيڪي ۽ هندي ٻولين ۾ به شاعري ڪئي اٿائين.

ڪلام

هم گرو هم گيان، نانڪ لڇمڻ ميرا نام،
بندرابن مين بينڪ ميري مدينه مين هون امام،

## (6) پيرو شاهه

پيرو شاهه ولد شاهه محمد شاهه بخاري تعلقي گمبٽ جي رسول آباد شهر جو رهندڙ هو. جتي اڄ به سندس درگاهه شهر جي بازار جي ڇيڙي تي ڏکڻ طرف منهن ۾ آباد آهي. هو سچل سائين جو سچو طالب هو. سچل سائين به کيس گهڻو پيارو گهرندو هو. سنڌي زبان جو چڱو شاعر هو. سيد ذات سان وڏو انس هيس. سنڌس هڪ بيت آهي.

پريو کوهه پوڄي جو، پيس ڏکڻ کان ڏار
مدغي اهي مار جي سامهون ٿين سيد جي،

ڪلام

عشق اڏيءَ تي لکيو نوناري نالو،
پر ڪري پيالو پيتيئن پيرو شاهه چئي.

## (7) شير خان پنيرو

شير خان ولد بيحد پنيرو رسول آباد جو وينل هو. شهر جي اوپر واري ڪڏ مٿان جتوئن جي پاڙي ۾ سندس گهر هوندو هو. ايل پنهوار هو. وٽس ٻڪرين جو وڏو ڌڻ هو ۽ سانگ ڪري ڪانائي واري ڍنڍ واريءَ جوءِ ۾ مال چارڻ ويندو هو. هڪ ڏينهن کيس اهڙي رمز لڳي وئي جو ٻڪريون پنهنجي ڀاءُ محمد خان حوالي ڪري سچل سائين جي درگاهه تي ويهي رهيو ۽ سندس وفات کان پوءِ گهڻو سير سفر ڪندي لاڙ ۾ گذاريائين. سندس ڀاءُ محمد خان رسول آباد مان لڏي ڳوٺ بچل پنيري وڃي وينو. شير خان جي قبر ڳوٺ بچل پنيرو جي قبرستان ۾ آهي. ڳوٺ بچل پنيري جي وڏڙن جي روايت مطابق محمد فقير ڪتياڻ هن ڳوٺ ۾ ايندو هو. شير خان پنيرو بيت ۽ ڪافيءَ جو سٺو شاعر هو. سندس به بيت نموني طور پيش ڪن ٿا.

ڪلام

موراکيون مڪڙين ۾ گوڏين ۾ گانگٽ،
جڙي رهي جان ۾ ڇيڇيءَ هاٽي ڇٽ،
ڇلر ڦوٽيون وڇڙيون سارا پڊر پٽ،
سمي ڄام ستٽ آيو ڪينجر ڪنڌئين.

❋

پوري ائين ۾ پانءَ تو چنيسر مٿيو،
موهت ٿي مٽئي تي تون وني پاڻ وڪيو،
سمجهڻ تو ٿيو تہ ڪانڌ مٿايئي ڪٽن تي.

## (8)فقير صادق علي ڪنير:

فقير صادق علي ولد محمد صفر ذات جو ڪنير هو. پاڻ ڳوٺ ٻنڊي موتايو ۾ 1897ع دوران پيدا ٿيو. ننڍپڻ ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ پاڻ حضرت جهانيان ( فقير غلام مهدي شاهہ) جا طالب ٿيا. فقير صاحب پاڻ جي اٽبٽت ڪري پنهنجي ڳوٺ مان لڏي اچي وڏا لاڪا ۾ مئخانو اڏي وينو. فقير پنهنجي مجازي عشق جون منزلون طئي ڪندي حقيقي عشق کي پهتو. ڪيترائي ماڻهو سندس وٽان فيضياب ٿيا جن ۾ هدايت علي فقير ناريجو، عنايت علي فقير کهڙو، امانت علي فقير ڏهر ( باگڙجي). فقير 58 سالن جي عمر ۾ 1954_55ع ۾ پيالو پيتو. سندس مزار ڳوٺ وڏا لاڪا ۾ اڄ بہ سندس پونيئرن لاءِ فيض جو در آهي. موجوده صوفي شاعر نظر لاڪائي سندس پوٽو آهي. فقير صادق علي جو اڻ ڇپيل مواد موجود آهي، جنهن ۾ نثر ۽ نظم ملي ٿو. نثر ۾ فقير تصوف جي انتهائي باريڪ نقطن تي مختصر پر جامع لکيو آهي. نظم ۾ ڪافي، غزل، قصيده، بيت، ڇلو ۽ ٽيهہ اکرين کان سواءِ هندي ۾ ڇيد بہ لکيا آهن. سندس اڻ ڇپيل قلمي نسخو حاصل ولايت سندس وارثن وٽ موجود آهي.

ڪلام

طالب کي مطلوب ڏي عاشق ٿي اچڻ،
گوياءِ گفتار کي ويراڳي ٿي ونڻ،
موکيءَ جي موج جو پريمي پيالو پيئڻ،
صادق ٿي سمجهڻ هن پيغامي پريم کي.

## (9) سيد ريجهہ علي شاهہ:

سيد ريجهہ علي شاهہ جي ولادت سن 1319هہ بمطابق 1901ع ۾ کهڙن جي شهر ۾ ٿي، جتي ٽن درجن تائين تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ وڏيڪ اسڪول نہ ويو ۽ پنهنجي منهن مطالعو ڪرڻ جي مشق

ڪندو رهيو. پاڻ 20 سالن جي عمر ۾ ايران، عراق، شام وچي زوار ٿي آيا ۽ پنجن سالن کان پوءِ حج ڪيائون. ان کان سواءِ لاهوت لا مڪان جو سفر بہ ڪيترا ڀيرا ڪيائون. پاڻ هر سال 14 _ 15 صفر تي پٽ شاهہ ماتم تي قافلو وٺي ويندا هئا. پاڻ زندگيءَ جي گهڻي حصي ۾ ڪارو لباس پاتائون. سيد ريجهہ علي شاهہ پنهنجي وقت جو وڏو شاعر هو. ٽن چئن زبانن ۾ شاعري ڪيائون. قصيده، ڪافيون، بيت، رباعيون، مولود شريف ۽ مناقبا لکيا اٿائين جن جو تعداد چار هزار جي لڳ ڀڳ آهي. سيد ريجهہ علي شاهہ 20 صفر 1375 هہ بمطابق 1955ع چهلم جي ڏينهن ڳوٺ فيضل مهر ۾ وفات ڪيائين. وصيت مطابق گمبٽ اسٽيشن روڊ تي اباڻي ملڪيت ۾ دفن ٿيا. هن علائقي کي هينئر ڪاظم آباد سڏيو وڃي ٿو.

ڪلام

ڪاهي آيا ڪيترا ڇڏي سڪيو ساس،
ڪل نفس ذائقتہ الموت مارپائون پنهنجو ماس،
ڇڏي حرس حواس، وڃي رسيا، ريجهل شاهہ چوي.

### (10) خالد فقير ڪلهوڙو:

خالد فقير ڪلهوڙو سن 1910ع ڏاري گمبٽ تعلقي جي ڳوٺ قائم الدين ڪلهوڙي ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو راڄل ڪلهوڙو هو. ننڍپڻ کان کيس ڳائڻ جو شوق هو ۽ هڪ پيري اوچتو راڳ سکڻ لاءِ ڳوٺ کان هليو ويو ۽ پوءِ وارثن کيس ڳولهي لڌو ۽ کيس ڳائڻ جي اجازت نہ ملي. فقير پنهنجي وڏن سان گڏ ڪوهہ جي نار تي پوک ڪاهيندو هو. جتي رات جو کيس نانگ ڪکي وڌو ۽ هي فقير هڪ پير کان معزور ٿي ويو.

خالد فقير سڄي عمر پنهنجي پرپاسي واري ڳوٺن جي ٻارڙن کي قرآن پاڪ پڙهائيندو رهيو. هن درويش مولود، ڪافيون ۽ ڏوهيڙا لکيا آهن. سندس ڪلام لکت ۾ نٿو ملي. باقي آسپاس جا ڪجهہ ماڻهو ڳائين ٿا. کيس ٻن پٽن جي اولاد آهي. سندس ٻئي پٽ علي گوهر ۽ شمس الدين بہ شاعري ڪن ٿا. پاڻ 1994ع ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار حاجي هاشم قبرستان ۾ آهي.

ڪلام

ديس ڇڏي پرديس ۾ آئين، آهين مسافر تون مهمان
هتان جو ويندين وري نہ ايندين ماڳ مٽي آ تنهنجو مڪان.

### (11) ميان فيض محمد عباسي:

فيض محمد عباسي 1917ع ڌاري گمبٽ جي ڳوٺ مهتاڻي ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو نياز حسين هو. هن ناز هاءِ اسڪول خيرپور ۽ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان نو درجن تائين تعليم حاصل ڪئي. پاڻ ريڊيو ڪراچي تي پورا پنج سال انائونسر رهيو ۽ پوءِ رياست خير پور جي پهرين قانونساز اسيمبلي جو ميمبر پڻ چونڊيو . سندس اڻ ڇپيل نثر ۽ نظم ملي ٿو. سندس شاعري ۾ غزل ۽ ڪافي ملن ٿا. پاڻ سال 2001ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس مزار مهتاڻن لڳ ميان جي ڳوٺ ۾ آهي.

ڪلام

ڪٿي بہ منهنجو نہ آشنا زماني ۾،
نہ آشياني کان ٻاهر نہ آشياني ۾،
علاج دل نہ سگهيو ٿي، ڪنهن کان اي فيض،
مون داغ دل توڙي ڏيکاريو زماني ۾.

## (12) ڊاڪٽر تنوير عباسي:

تنوير عباسي گمبٽ تعلقي جي ڳوٺ سوڀوديرو ۾ 1934ع ۾ ڄائو. پاڻ 16 سالن جي عمر ۾ شاعري ڪرڻ لڳو. سندس پهريون شعر 1950ع ۾ ڇپيو. تنوير نثر ۽ نظم جا ڪيترائي ڪتاب لکيا. پاڻ 25 نومبر 1999ع تي اسلام آباد ۾ وفات ڪري ويو. سندس مزار بہ اسلام آباد ۾ آهي.

ڪلام

گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ، آءُ پرين تون آءُ،
وقت گلن جو ڪوماڻل آ، سجهي نہ ڪائي واٽ،
چئني پاسي رات انڌاري ڪاري ڪاري ٻاٽ،
ساهہ ڪي ناهي ساهہ، آءُ پرين تون آءُ.

## (13) راز راضيديرائي:

هن شاعر جو اصل نالو رسول بخش ولد جاڙو خان ميمڻ هو. پاڻ 1935ع ڌاران گمبٽ تعلقي جي ڳوٺ راضيديرو ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ فائنل مراد هاءِ اسڪول گمبٽ مان پاس ڪيائين. جنهن کان پوءِ ڪيس ماستري ملي ۽ پاڻ 43 سال تعليم جي شعبي سان سلهاڙيل رهيو. استاد رسول بخش ميمڻ " مهدي جهانيان" جو طالب پڻ رهيو . ڪيس شاعريءَ سان گڏ موسيقي جو پڻ شوق هوندو هو. سندس آواز ۾ رڪارڊ ٿيل ڪلام ريڊيو پاڪستان خيرپور ۽ پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تان نشر ٿيندا رهن ٿا. سندس شاعري جو هڪ اڻ ڇپيل ڪتاب سندس اولاد وٽ موجود آهي.

پاڻ 2006ع جي مارچ مهيني ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار اباڻي قبرستان ۾ آهي. موسيقي کان سواءِ ڪيس فوٽو گرافي سان بہ گهڻي دلچسپي هوندي هئي. ڪيس ست پٽ ۽ ٽن نياڻين جو اولاد ٿيو. سنڌ جو مشهور فنڪار شوڪت علي ميمڻ عرف معصوم مختيار بہ سندس پٽ آهي، جنهن پڻ پنهنجي پيءُ کان راڳ جي سکيا ورتي.

ڪلام

تنهنجي سهڻي آ صورت، تنهنجي حسن جو هل،
خدا خوش رکندئي تون آن گلاب جو گل.

## (14) سيد راحم علي شاهہ

سيد راحم علي شاهہ ولد سيد هادي بخش شاهہ گمبٽ تعلقي جي ڳوٺ سائدي لوئر ۾ سن 1937ع دوران پيدا ٿيو. راحم علي شاهہ سنڌي چار درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا. ڪيس ڳائڻ جو شوق ننڍپڻ کان هو.پاڻ موسيقي جو ماهر هو. مارمونيم ۽ پخواز وغيره چڱي نموني وڄائيندو هو.پاڻ ڪافيون پڻ سٺيون لکيون اٿائين. سندس سکيا هيٺ ڪيترائي شاگرد رهيا. راڳ جي راڻي عابده پروين پڻ ڪيترو عرصو راحم علي شاهہ کان فن جي سکيا ورتي. سيد راحم علي شاهہ پنهنجي ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام لاءِ ڪيترين ئي ڌنون ترتيب ڏنيون. موسيقيءَ ۾ اچڻ ڪري شاعري گهٽي نہ ڪري سگهيو پر پوءِ بہ سندس ڪجهہ ڪافيون ملن ٿيون. پاڻ 15 جنوري 2001ع وفات ڪيائين. سندس مزار پڻ سندس ڳوٺ ۾ آهي.

ڪلام

محبت تنهنجي دل هي منهنجي،
ڪسي آ قيد ڪئي پيارا،
منهنجي دل جا دلارا.

## (15) ڊاڪٽر ارباب شر

هن شاعر جو اصل نالو ارباب علي ولد رحيم داد شر هو. پاڻ 1940ع جي ڏهاڪي ۾ نري ميرواهہ جي پيرسان ڳوٺ مولا بخش شر ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي چار درجا بہ اتي ئي حاصل ڪيائين ۽ 1956ع ڌاري هتان نقل مڪاني ڪري گمبٽ جي ڳوٺ راضيديرو ۾ ساڪن ٿيو. جتي حڪيم ڪريم بخش شر (مهتاڻن واري) جي صحبت ۾ ڪجهہ وقت رهي پنهنجو مطب ( دواخانو) کوليائين. ڪيس شاعريءَ جو شوق ننڍپڻ کان ئي هو. صوم و صلوات جو پابند هجڻ سبب شروعات ۾ حمد شريف، نعت ۽ مولود

لکندو هو پر پاڻ کي پوشيده رکندو هو. آخري عمر ۾ ناليواري شاعر انعام ٻيلهاڙوي جي صحبت ۾ اچڻ کان پوءِ ٻن چئن مشاعرن ۾ پنهنجو شعر پڙهيائين ۽ شعر جي پڪي پختي هجڻ سبب پنهنجي تر ۾ چڱي خاص شهرت ماڻيائين. سندس شاعريءَ ۾ تصوف جو رنگ گهڻو تڻو نظر اچي ٿو. ارباب شر جي شاعري تي مشتمل اڻ ڇپيل مواد سندس وارثن وٽ موجود آهي. پاڻ 1990ع ڌاري وفات ڪري ويو. سندس مزار اباڻي ڳوٺ مولا بخش شر (نري ميرواهه) جي هڪ قبرستان ۾ آهي.

ڪلام

اصل کان عشق مان آهيان، حڪم هر ڪو هلايو مون،
وري آدم بنائڻ جو بهانو ئي بنايو مون،
مرد منصور مارايم، لهم تبريز لهرايم،
ڪٿي "ارباب" چورايم اناالحق پي الايو مون.

## (16) سيد پير علي شاهه:

هن شاعر جو اصل نالو سيد پير علي شاهه ولد قلندر شاهه هو ۽ 1948ع ڌاري ڳوٺ سيد جمن شاهه (لڳ گيڙو شاخ) ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم اڳڙا اسڪول مان ۽ ميٽرڪ ناز هاءِ اسڪول خيرپور مان پاس ڪيائين ۽ ان دوران خيرپور جي هڪ وڏي مدرسي مان عربي ۽ فارسي جي تعليم پڻ حاصل ڪندو رهيو. پاڻ شروعات کان فقه جعفريه طريقي سان وابسته هو. ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ کيس زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ ليب اسسٽنٽ جي نوڪري ملي، جيڪا هن اڌ ۾ ڇڏي ڏني ۽ پوءِ واپس اباڻي ڳوٺ اچي رهڻ لڳو. کيس ٽن پٽن ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي. پير علي شاهه پنهنجي حياتي ۾ اڻٽڪٽ شاعري ڪئي پر هو پنهنجي عشق جي مدهوشي ۾ اها شاعري گڏ ڪري نه سگهيو. سندس گهڻي شاعري سندس حياتي ۾ ئي ضايع ٿي وئي. هن وقت سندس پنجاهه سٺ شعر انعام ٻيلهاڙوي وٽ موجود آهن. سندس ڪلام ۾ عربي ۽ فارسي جو اثر گهڻو تڻو نظر اچي ٿو ۽ سندس شاعري مجازي رنگ ۾ پڻ جڪڙيل نظر اچي ٿي. شاعري ۾ "ارمان" تخلص استعمال ڪندو هو.

سندس شعر مان مير تقي "مير" جي بوءِ اچي ٿي. پاڻ 1998ع ۾ وفات ڪيائين.

ڪلام

ڪنهن ريت راس ناهي حرس وهوا هتان جي،
اي مرگ ناگهان ڏس قيدي ڪڏهن ڇٽن ٿا،
باد صبا خدا لڳ دشمن وفا کي چئجانءِ،
بيمار شام غم جا آب وغذا ڪٽن ٿا.

## (17) فقير عبدالرحيم "عبد" مڱريو:

فقير محمد (ثاني) عرف عبدالرحيم " عبد" ذات مڱريو ولد گل بهار فقير مڱريو سن 1944ع ۾ ڳوٺ ملنگ مڱريو ( پڪي کوهي) ۾ پيدا ٿيو.

فقير سنڌي ست درجا ( فائنل) پاس ڪيا ۽ ايريگيشن کاتي ۾ داروغي طور نوڪري ڪيائون. کيس هڪ پٽ ۽ ٻن نياڻين جو اولاد آهي. فقير صاحب هن دور جو وڏو شاعر ۽ علم عروض جو ڄاڻو هو. پاڻ بزم طالب المولىٰ شاخ ملنگ مڱريو تعلقي ڪنگري جا باني هئا. فقير صاحب هن دور جو وڏو شاعر آهي. فقير صاحب 21_22 شوال تي پنهنجي ڏاڏي فقير محمد بخش رحه اول جي عرس مبارڪ جي موقعي تي هر سال ادبي ميڙاڪا ڪوٺائيندو هو جتي طرحي ۽ غير طرحي مشاعرا ٿيندا رهندا هئا. فقير صاحب سال 2001ع ۾ هڪ ڪتاب " سرگروهه سالڪان" پنهنجي قلم سان لکيو. پاڻ 17 مارچ سال 2006 ع تي وفات ڪري ويو. سندس مزار درگاهه فقير محمد بخش اول ڳوٺ ملنگ مڱريو ۾ آهي. فقير صاحب جو گهڻو اڻ ڇپيل جو ڪلام سندس پونئيرن وٽ محفوظ آهي.

ڪلام

نهاري جڏهن ٿو تہ ماري ڇڏي ٿو.  
پڪاري جڏهن ٿو تہ ماري ڇڏي ٿو  
پري بزم ۾ يار ترڇي نظر سان،  
نهاري جڏهن ٿو تہ ماري ڇڏي ٿو.  
ڪري قربداري بلم پنهنجي پر ۾،  
ٻيهاري جڏهن ٿو تہ ماري ڇڏي ٿو  
غزل "عبد" جي تي مقررا مقررا!  
پڪاري جڏهن ٿو تہ ماري ڇڏي ٿو.

***

# صوفي شاعر نظر لاڪائي

هن جهان ۾ ڪيئي اهڙا پيارا ٻانها ٻه پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن اندر ۾ جهاتي پائي ” پنهنجو پاڻ سڃاڻي“ الک جو عشق اوري خدا جي خلق کي راضي رکي پنهنجو نالو قائم دائم ڇڏيو. اهڙن ئي پيارن مان هڪ پيارو انسان نظر لاڪائي ٻه آهي.

نظر لاڪائي جو اصل نالو نظر علي ولد غلام شبير گلال هيو. 16 جنوري 1956ع بروز سومر ڏينهن پنهنجي ناناڻن جي گهر سوڀي ديري ۾ جائو لاڪا، گمبٽ ، ڪنڍيارو ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ بي اي تائين پڙهيو. جڏهن ته ادب ۾ بزم استاد بخاري ٻيلهاڙو، بزم شعور ادب گمبٽ، سگا شاخ گمبٽ ۽ سچل يادگار ڪاميٽي کان سواءِ سنڌي ادبي سنگت ضلعي خيرپور جو رابطا سيڪريٽري چونڊيو ويو.

نظر لاڪائي لاڪن جي ڳوٺ ۾ رهڻ ڪري لاڪائي سڏائڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ ڪيس هتان جو اٽبرابريءَ وارو ماحول راس نه آيو ۽ ڳوٺ ڇڏي گمبٽ ۾ رهائش اختيار ڪيائين، جتي اڳتي هلي اتي پبلڪ اسڪول ڪوليائين ۽ آخري گهڙي تائين تعليم جهڙي پاڪ پوتر شعبي سان سلهاڙيل رهيو.

نظر لاڪائي جو ڏاڏو فقير صادق علي ڪنير ڪافي ۽ بيت جو سنو شاعر ٿي گذريو آهي. صادق فقير ڪنير صوفي درويش فقير غلام مهدي جهانيان جو طالب هو. تنهن ڪري نظر لاڪائي ۾ ٻه صوفي فقيرن وارا سڀ گڻ موجود هئا. سندس شاعري سچل سائين ۽ جانڻ فقير جي اثر هيٺ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مثال لاءِ سندس چئوسٽو ڏجي ٿو.

پهرين اکر پاڻ کي سچ جو ئي چئجي دوستو!
ها بلاشڪ ڏوهه ٻئي تي پوءِ مڙهجي دوستو!
پٽ ورائي ڪين ڪنهن پنهنجي ڏني آهي مگر
مينهن واتان پچ ڪاري ڳئون تي سڏجي دوستو!

سائين نظر لاڪائيءَ سان منهنجو واسطو 1995ع کان ٿيو ۽ ساڻس هفتي ۾ هڪ ڀيرو ملاقات ٿيندي هئي. لاڪائي وٽ هڪ ڪامل انسان ۽ سيبتي شاعر واريون سموريون خوبيون موجود هيون. هن ڪيترن ئي ايرندڙ ليکڪن / شاعرن جي سچيءَ دل سان رهنمائي ڪئي. مون سميت ڪيترائي نوجوان ڪانئس اصلاح وٺندا هئا.

لاڪائي جو هڪ شعري مجموعو وکريل وجود سندس حياتيءَ ۾ ڇپيو ۽ اڻڇپيل شاعري اڃا ٻه وٽس موجود هئي. لاڪائي جو اڻ ڇپيل ڪلام هن ڪتابن جيترو ٻڌايو وڃي ٿو ۽ ڇپيل ڪلام انٽرنيٽ تي موجود آهي.

سائين نظر لاڪائي 25 فيبروري 2007ع بروز آچر تي شام جو گمبٽ ۾ دل جو دورو پوڻ سبب

هن فاني جهان کي ڇڏي هليو ويو. سندس اوچتو وڇوڙي تي اسان سنڌ واسين کي تمام گهڻو صدمو ٿيو آهي. سندس دوست کيس ساريندي روئي پون ٿا. لاکائي کي به سڄڻ دوست ڏاڍا پيارا هئا. هن تڏهن ئي ته هي سٽون لکيون هيون.

مان ڪين هوندس منهنجا بيت هوندا،
هيءَ سنڌ هوندي، هي کيت هوندا،
جنين سان جيون گڏجي مون گهاريو،
مون کان پوءِ منهنجا سڄڻ سي ته هوندا.

نظر لاکائي غريبن ۽ يتيمن جي ڪم اچڻ وارو هو. مون کي چڱي طرح ياد آهي. 1998ع ۾ منجهند جو جڏهن آئون ساڻس ابل واهه پرسان هندو پاڙي واري اسڪول ۾ مليس. ماني کارائي چيائين ”عاجز! اڄ توکي مون سان گڏ گمبٽ جي بازار مان پنڻو پوندو!“ آئون نه سمجهڻ باوجود به سندس پويان لڳي پيس. اهڙي طرح ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ بازار مان دڪاندارن کان خيرات ورتي سين جنهن ۾ ڪپڙو وغيره شامل هو. پوءِ سمورو مليل سامان هڪ پري ٻڌي سائين انعام ٻيلهاڙوي جي معرفت مرحوم سيد پير علي شاهه ( ارمان موسوي) جي يتيم ٻارڙن ڏانهن ڏياري موڪليائين. مطلب ته نظر لاکائي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته يتيمن جي مدد ڪيئن ڪبي آهي. اهو ٻڌائيندو هو ته منهنجي سيني پبلڪ اسڪولن ۾ يتيم شاگردن بنا فيس جي پڙهن ٿا. انهن کي ڊريس ڪتاب به پاڻ ڏيندو هو. هو چوندو هو ته زندگيءَ تي ڪو به ڀروسو ڪونه آهي. ڪنهن انسان جي ڪم اچجي، نياز نوڙت سان گذارجي ۽ اهو ئي زندگيءَ جو اصل وکر آهي. هن پنهنجي هنن سٽن ۾ پڻ اهڙو پيغام ڏنو آهي.

ڪهڙو ڀروسو آ، نظر زندگي جو،
ڪٿي نيٺ پوندو، سفر زندگيءَ جو،
غريبن يتيمن جي ڪم يار اچجي،
ڇڏي اهڙو وڃجي اثر زندگيءَ جو.

سائين نظر لاکائي سان منهنجي آخري ملاقات 23 فيبروري 2007ع جمعي جي ڏينهن سونارڪي بازار واري سندس ايليمينٽري اسڪول واري آفيس ۾ ٿي. مون کيس هفتيوار سنڌو ڊائجسٽ جو پرچو ڏنو چيائين، ”عاجز سنڌو مون وٽ پهتو آهي. تنهنجو ” گمبٽ ۽ آسپاس جي شاعرن“ وارو مضمون به پڙهي ڇڏيو اٿم.“ هن منهنجي محنت کي ساراهيو. مون کيس چيو، ”سائين منهنجي ڪتاب بابت اوهان به اکر لکيا.“ چيائين. عاجز ڏينهن ٻن ۾ لکي وٺندس. توکان اڳ بحرالدين شنباڻي جي شاعري جي ڪتاب جو مهاڳ لکڻو هو.“ ايتري ۾ هو اٿيو ۽ اندران فائيل کڻي آيو ۽ ٻه اڍائي صفحا مڪمل پڙهي ٻڌايائين جيڪي هن بحرالدين شنباڻي جي لاءِ لکيا هئا. سنڌي ادبي سنگت ۽ يادگار ڪمايٽي بابت به ڪجهه ڳالهيون ڪندا رهياسين. هو سچل يادگار ڪميٽيءَ وارن کان ڪجهه ڏکارو هو. واضع لفظن ۾ چيائين ته سچل يادگار ڪاميٽي هن وقت ڪامورن جي هٿن ۾ آهي. ڪميٽيءَ ۾ مون

سميت صوفي فقيرن کي پري رکڻ هڪ سوچيل سمجهيل سازش آهي. آئون ڪائنس موڪلائي گهر آيس. وچ تي هڪ ڏينهن گذريو. آچر جي شام جو ڪولاب جيئل جي دوست جبار پارس موبائل تي ٻڌايو تہ سائين نظر لاڪائي پيالو ڪري ويو. خبر ٻڌڻ سان زمين پيرن هيٺيان ڇڏائجي وئي. اکيون لڙڪن سان ڀرجي آيون ۽ سندس محبتون ياد ڪري روئڻ لڳس. هاڻي جڏهن نوڪريءَ سانگي يا وري ٻئي ڪم ڪار سبب گمبٽ اچڻ ٿئي ٿو ۽ جڏهن شاعرن مان ڪو شاعر نذير سروهي، ساهہ شيخ يا وري ڊاڪٽر يار محمد مرکنڊ ملي ٿو تہ دل پنهنجي محسن استاد نظر لاڪائي کي ساري اڄ بہ سڏڪي پئي ٿي ۽ سندس هي سٽون ياد اچن ٿيون.

ڪيئن چوان ماڪيءَ کان وڌ ان کان مٺي آ زندگي،
هر قدم تي يار هٽ وهہ جي وٺي آ زندگي،
ڪالهہ ڪيئي زندگيون مون کي ٿي ارپيون پئي ويون،
اڄ نہ پنهنجي اي نظر پنهنجي رهي آ زندگي.

نظر لاڪائي هن وقت جسماني طور تي اسان سان گڏ ڪو نہ آهي پنهنجي بيتن ۾ زندهہ آهي ۽ زندهہ رهندو ڇاڪاڻ تہ هن حق ۽ سچ جي واٽ ورتي هئي، جيئن پنهنجي سرائڪي ڪافي ۾ چيو اٿائين.

حق دا نعرا زندهہ باد، سچ دا نعرا زندهہ باد،
انا الحق دي وائي والا، سچل سارا زندهہ باد.
ڪيا دي ليليٰ ڪيا دا مجنون، ڪيا دي سسئي ڪيا دا پنهون
نتي تون گهن دهلي لکنو سرمد، دارا زندهہ باد،
عشق دا علم کوڙ ڏتوسي دين ڌرم ٻيا ڇوڙ ڏتوسي،
دل وچہ ڪعبہ جوڙ ڏتوسي، نينهن نظارا زندهہ باد.

***

# مياڻ فيض محمد عباسي هڪ شاعر، اديب ۽ سياستدان

ڪلهوڙا دور جي آخري حاڪم ميان عبدالنبي عباسي جي خاندان ۾ ورهاست کان اڳ 1917ع ڌاري رياست خيرپور جي هڪ ڳوٺ ۾ ميان نياز حسين عباسي جي گهر هڪ نينگر ڄائو جنهن جو نالو فيض محمد عباسي رکيو ويو. وقت جا بزرگ ميان رحم علي ۽ ميان جان محمد عباسي جن سندس ڏاڏو ۽ پڙڏاڏو هئا.

ميان فيض محمد عباسي ناز هاءِ اسڪول خيرپور ميرس ۽ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان 9 درجن تائين تعليم حاصل ڪئي. پاڪستان جي آزادي واري تحريڪ ۾ شاگردن سان گڏ حصو ورتو هئائين. پاڻ آزادي کانپوءِ ريڊيو پاڪستان ڪراچي تي پهريان سنڌي اناؤنسر هئا ۽ 5 سال اتي ڪم ڪيائون ۽ پنهنجي والد جي وفات سبب ڪراچي ڇڏي اچي پنهنجي ڳوٺ مهتاڻن ۾ رهيا ۽ پنهنجي زمين سنڀالڻ لڳا. کين گل پوکڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو.

ميان صاحب کي ان وقت جي مملڪتي وزير سيد خير شاهه( نوابشاهه) جي رهنمائي حاصل هئي ۽ کين پنهنجو سياسي استاد مڃيو هئائون. تن ڏينهن ۾ رياست خيرپور جي قانونساز اسيمبلي جي اليڪشن وڙهڻ لاءِ ميان صاحب به پنهنجو فارم ڀريو هو ۽ سامهون بيٺل اميدوار ان وقت سنڌ جي وڏي وزير خان بهادر محمد ايوب کهڙو پاران بيهاريل هو. ٻڌايو وڃي ٿو ته ميان صاحب سان ان اليڪشن ۾ غلام عمر خان انڙ (لاڙڪاڻو) ۽ حاڪم علي زرداري جن گهڻي مدد ڪئي هئي ۽ اهڙي طرح رياست خيرپور جي پهرين قانونساز اسيمبلي جي اليڪشن کٽي ميان صاحب ميمبر بڻجي ويو.

ميان فيض محمد عباسي هڪ سٺو انسان هو ۽ سچ چئي ڏيڻ وارو همت وارو مرد هو. وٽس پنهنجي برادري کان سواءِ ٻيا ماڻهو به فيصلي لاءِ ايندا هئا ۽ ميان صاحب وٽان انصاف پلئه پائي ويندا هئا.

ميان صاحب هڪ سٺو شاعر ۽ ليکڪ پڻ هو. سندس ويجهڙائي نامياري شاعر مخدوم طالب المولىٰ، سينگار علي سليم ۽ استاد حامي صاحب جن سان هئي ۽ هڪ ٻئي سان رهاڻيون پڻ ڪندا رهندا هئا. منهنجي خيال ۾ ميان صاحب جن جي شاعري تي مخدوم صاحب جي لکڻيءَ جو اثر آهي. جيئن هڪ هنڌ لکيو اٿائين ته:

ڪنهن ڪنهن کي مان ٻڌايان، قصو تنهنجي ستم جو
سيئي پڇن ٿا مون کان ته ڇو اشڪبار آهيان
هن آ نوازيو مون کي درد جهان سان پوءِ ڀي هن لاءِ مان دعاڳو پروردگار آهيان.

ميان فيض محمد جي شاعري درد ڀري آهي. فن ۽ فڪر سان ڀرپور پڻ. جيئن هڪ هنڌ لکيو

اڻائين تہ:

ڪٿي بہ منهنجو نہ آ، آشنا زماني ۾،
نہ آشياني کان ٻاهر، نہ آشياني ۾،
اچن ٿيون دانهون اسيرن طرف وڃي تہ ڏسو،
متان ڏني هجي ڪنهن جان قيد خاني ۾،
خدارا حال نہ پڇ تنهنجي دل دکي ويندي،
آهي جو درد سمايل منهنجي فساني ۾.
علاج دل نہ سگهيو ٿي ڪنهن کان " فيض "
مون دل جو داغ توڙي ڏيکاريو زماني ۾.

شاعري کان سواءِ هي صاحب نثر جو پڻ سٺو ليکڪ هو. 500 صفحن کان وڌيڪ ڪتاب پنهنجي حياتي ۾ خود سهيڙيو آهي. جنهن ۾ پاڪستان جي آزادي کان جنرل ضياءَ جي دورِ اقتدار تائين سچي تاريخ لکي آهي جنهن ۾ اوپر پاڪستان جو ٽٽڻ ، لياقت علي خان کي گولي لڳڻ، ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي ڏيڻ جي اصل حقيقت ( ڪڙو سچ) هن ڪتاب ۾ شامل آهي . ميان صاحب جو اهو تاريخي ڪتاب اڻڇپيل موجود آهي.

ميان صاحب جن جو تمام گهڻو واسطو سائين جي ايم سيد کان سواءِ موجوده حر جماعت جي روحاني اڳواڻ پير سيد شاهہ مردان شاهہ (پير پاڳارو) جن سان هو. پير پاڳاري سان سندس سياسي ويجهڙائپ پڻ رهي ۽ کين بہ مذاق ۾ کلندي کلندي سچ چئي ڏيندا هئا.

ميان فيض محمد عباسي جهڙو سچار نيڪ دل انسان 84 سالن جي عمر ۾ ڦڦڙن جي تڪليف سبب سخت بيمار ٿي پيو ۽ کيس ڪراچي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو پر ڪمزور هجڻ ڪري سندس آپريشن نہ ٿي سگهيو ۽ پوءِ پاڻ ڪٽائي پنهنجي ڳوٺ پهتو. سال 2001ع ۾ هن فاني دنيا ۾ مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ اهڙي طرح هڪ سچو سياستدان ، شاعر ۽ اديب اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو.

***

# سچل جو پالڪ: صوفي نانڪ يوسف

رياست خيرپور جو علائقو سڄي برصغير ۾ خاص اهميت رکي ٿو. هن علائقي جو چپو چپوصوفياءِ ڪرام ۽ برزگان دين جي درگاهن ۽ خانقاهن سان آباد آهي. انهن جو فيض دنيا وارا حاصل ڪندا رهن ٿا ۽ اهو سلسلو تاقيامت جاري ۽ ساري رهندو. ڊاڪٽر نواز علي شوق لکيو آهي تہ ڪنهن دور ۾ خيرپور رياست ۾ گمبٽ، راڻيپور، درازا، هنگورجا، ٻيرلوءِ، تجل شريف، روهڙي، ڪنڊڙي، پريالوءِ ۽ پير ڳوٺ جون درگاهون ۽ خانقاهون مشهور هيون. مطلب تہ ادبي ۽ روحاني لحاظ کان اهو سونهري دور هو. (سرمست 13 صہ 18ـ19)

سنڌ صوفين جو ديس آهي، هتي هميشہ امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو درس تدريس هلندو رهيو آهي. هن ڌرتيءَ تي ڪيترائي صوفي شاعر بزرگ ٿي گذريا آهن. سندن اعليٰ خدمتن جي ڪري اڄ بہ سوين سال گذرڻ باوجود سوين ماڻهو پري پري کان اچي کين سلام ڪن ٿا. اهڙو روحاني فيض رسائيندڙن مان صوفي شاعر نانڪ يوسف بہ هڪ آهي.

فقير جو اصل نالو محمد يوسف والد جو نالو محمد هاشم هو ۽ ذات جو کوکر هو ۽ جهل مگسي بلوچستان جو وينل هو جتي 1772ع ۾ تولد ٿيو.

پنهنجي والد کان علم جي تحصيل ڪرڻ بعد حق جي ڳولا ڪندي اچي درازن جي درويش حضرت سچل سرمست جو طالب ٿيو. فيض پرائڻ کان پوءِ (رنگپور) ضلعي خيرپور ۾ آستانو اڏي ويهي رهيو. خيرپور جي والي مير مراد خان سندس معتقد هو.

1845ع ۾ وفات ڪيائين. سنڌيءَ کان سواءِ سندس سرائيڪي ۽ هندي شعر بہ ملي ٿو سندس سنڌي ڪافين ۾ ڪٿي ڪٿي هندي ۽ سرائيڪي لفظ ملن ٿا.

نانڪ يوسف جي شاعريءَ جو ڪتاب " نانڪ يوسف جو ڪلام " ڪافي عرصو اڳ ڇپيو هو، جيڪو هن وقت اڻ لڀ ٿي ويو آهي. ان سلسلي ۾ منهنجي ملاقات نانڪ درگاهہ جي گادي نشين سنڌي ادبي سنگت شاخ نانڪ يوسف جي سيڪريٽري خادم عباسي سان ٿي، جنهن ٻڌايو تہ نانڪ جو ڪلام نئين سر سهيڙيو اٿم. انشاءَ الله ڇپائبو. ڏٺو وڃي تہ ڪنهن بہ اداري پاران نانڪ يوسف جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي ڪا خاص تحقيق ڪونہ ٿي سگهي آهي، شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ قائم " سچل چيئر " جيڪا سچل سائين جي فڪر ۽ فلسفي کي عام ڪرڻ لاءِ هر سال مختلف موضوعن تي ڪتاب ڇپائيندي رهي ٿي، تنهن بہ منهنجي خيال ۾ هن صوفي شاعر تي ويجهڙائيءَ ۾ ڪو بہ تحقيقي ڪم ڪونہ ڪرايو آهي ۽ نہ ئي وري نانڪ يوسف يادگار ڪميٽيءَ وارن ڪا اهڙي همٿ ڏيکاري آهي.

جنوري 1998ع ۾ سچل سرمست جا طالب ( شاعر) جي عنوان سان هڪ ڪتاب ڇپيو جنهن جو محقق ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب آهي. هي ڪتاب سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور پاران ڇپيو هو پر 144 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ به سچل سائين جي طالب ( شاعر) فقير نانڪ يوسف کي شامل نه ڪيو ويو آهي. منهنجو مقصد ايترو آهي ته هن بزرگ جي شخصيت ۽ شاعري بابت تحقيق ڪرائي وڃي ته جيئن نئين ٽهيءَ جا ليکڪ ۽ شاعر سندس فڪر ۽ فلسفي مان لاڀ حاصل ڪري سگهن.

❊❊❊

# آٿم ناٿڻ شاهي هڪ باڪمال شاعر

6 آڪٽوبر جي شام دير سان هڪ سنڌي چينل تان سنڌي ٻوليءَ جي باڪمال شاعر آٿم ناٿڻ شاهي جي موت واري خبر ٻڌڻ شرط اکين ۾ لڙڪ لڙي پيا. افسوس جو ڪيس ڪينسر جي مرض مان ڪو به بچائي ڪونه سگهيو.

استاد بخاري جو درد وچان تڙپي مرڻ اجان وسريو ئي ناهي ته مٿان آٿم جو سور ستائي ٿو.

آٿم ناٿڻ شاهي جو اصل نالو غلام الرسول سولنگي هو. پاڻ امڙ حبيبان جي گهر 1937ع ۾ دادو ضلعي جي هڪ ڳوٺ ڪاٺڙي ۾ ڄائو. ڳوٺ حاڪم ڏيپر ڪانسواءِ خيرپور ناٿن شاهه ۾ رهي زندگي جو ڳچ حصو گذاريائين ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو. ڪيس ڳلي جي ڪينسر جي تڪليف هئي . غربت سبب مناسب علاج نه ٿيڻ ڪري 6 آڪٽوبر جي شام جو دير سان ڪراچيءَ واري گهر ۾ وفات ڪري ويو.

آٿم 1962ع کان باقاعده شاعريءَ جي ميدان ۾ آيو. سندس پهريون شعري مجموعو " جڏهن اُلا اُڀ ۾" نالي آگسٽ 1994ع ۾ ڇپيو. سندس شاعريءَ ۾ استاد ناليوارو شاعر محسن ڪڪڙائي ٻڌايو وجي ٿو. هن وقت تائين سندس تي ڪتاب شايع ٿيا آهن، جڏهن ته ڪيترن ئي ڪتابن جيترو اڻڇپيل مواد موجود اٿس.

هن جي شاعريءَ ۾ ماڪيءَ جهڙو مناس پيريل آهي. پوءِ اهي چو نه ڪٽي وايون، غزل يا نظم هجن، سيني ۾ هڪ جهلڪ نظر اچي ٿي. سندس هيٺين وائي کي پڙهون ٿا، جنهن ۾ آٿم سيني کي وقت تي سجاڳڻ لاءِ واڪا ڪيا آهن.

رستي رستي تي،
ٻوٽو ٻوٽي تي، پوک ته گهاتي چانو ٿئي،
هو ڏس اس اچي پئي، وڏندي ويڙهي ڏي.
ٻوٽو ٻوٽي تي، پوک ته گهاتي چانو ٿئي.

نالي واري شاعر ۽ اديب تاج جويي جو چوڻ آهي ته سچو شعر انسان ذات جي امنگن، احساسن ۽ جذبن جو ترجمان هوندو آهي يا وري سچو انسان انسانذات جي امنگن، احساسن ۽ جذبن جو ترجمان هوندوآهي يا وري سچو شاعر اهو آهي جو ماڻهن جي دل جي ڳالهه ڪري ٿو. پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ديس واسين جا ڏک سور سندن ٻوليءَ ۾ بيان ڪري ٿو. آٿم ناٿڻ شاهي اهڙن ئي جذبن ۽ امنگن جو شاعر آهي جنهن پنهنجي شاعري ۾ ڌرتي واسين جي دردن کي ڪٽي به ناهي وساريو. مثال لاءِ سندس هڪ نظم

جون ستون پيش ڪجن ٿيون جنهن ۾ هڪ غريب هاري جي ڪيفيت بيان ڪندي عجيب احساس ڏياريندي لکيو اٿائين تہ:

لاباري جي موسم آئي،
ڇٽڪي جاڻ ڇٽيو هي ڇاتو،
ڏند پيو ڪرتي ڏوڪڙ ناهي،
هاري ڪيئن ڏندائي ڏاتو؟
هڪڙو پنهنجي گوڏ ڳاري پيو،
گهر واريءَ جو گهگهرو ڦاٽو
سچ کي سينکيو کارائيندڙ،
آ مضبوط مڏي هڪ لابي.

ڪو عظيم شخص هجي يا تاريخي ڪارنامو سنڌي شاعر ڪيس ڀيٽا ڏيڻ نہ ڀليا آهن پوءِ اهي جکرا وڏوڙا هجن يا دودي جهڙا جوڌا جوان. آٿر ناٿن شاهيءَ پڻ سنڌ جي هڪ نهايت ديانتدار حاڪم ڄام نظام الدين ( ڄام نندو) کي ڀيٽا ڏيندي سنڌ دشمن کي سڏو ٻڌايو آهي تہ سنڌ ۾ اڃان ڄام نندي جهڙا ماڻهو آهن. ڄام نندي لاءِ تاريخ لکي ٿي تہ هو 1490ع ۾ سنڌ جو حاڪم ٿيو ۽ هن رهزن رولاڪ ڳولهي لڌا ۽ سخت سزائون ڏنائين. آٿر کيس ڀيٽا ڏيندي لکي ٿو تہ:

ڪي سور وندا ستا نہ آهن،
خدا جا ٻندا ستا نہ آهن،
او سنڌ تنهنجي ڏکن کي ڏسندي،
هي ڄام نندا ستا نہ آهن.

آٿر جي شاعريءَ ۾ گلابن جي مهڪ محسوس ٿئي ٿي. وٽس مڪمل شعر لکڻ لاءِ ڏات ۽ ڏانءُ گڏو گڏ نظر اچن ٿا. سندس غزل ۾ عشق موجود آهي. پختي تخليق سان گڏ وڻندڙ تشبيهون سندس شاعريءَ کي نهايت سهڻو بڻائين ٿيون.

چنڊ اپرڻ لڳي تہ ڪيئن روڪيانس؟
سونهن مرڪڻ لڳي تہ ڪيئن روڪيانس؟
هوءَ هر هر اچي اڳيان منهنجي،
پاڻ گڏرڻ لڳي تہ ڪيئن روڪيانس؟

آٿم ناٿن شاهيءَ جي دوست ۽ شاعر وفا ناٿن شاهيءَ جا هي لفظ بلڪل سچ آهن ته.” آٿم! انهن تمام ٿورن شاعرن مان هڪ آهي جن سنڌي شاعريءَ کي نيٺ سنڌي لفظ، سنڌي سياءُ ۽ سنڌي لهجو ڏنو.“آخر ۾ سندس هڪ وائي ڏجي ٿي.

وائي
هاڻي روءِ نہ روءِ،
پاڻ مٿاسين پنڌ ۾،
ڌوڙ هاڻا لاٿل لٿا،
توڙي ڌوءِ نہ ڌوءِ،
پاڻ مٿاسين پنڌ ۾،
ڇاڪاڻ ڇو ڪنهن واسطي؟
واڪا ڪندي ووءِ،
پاڻ مٿاسين پنڌ ۾،
کهڙي ڪاريهر ڪکيو،
آئيلي! اف! ابوءِ!
پاڻ مٿاسين پنڌ ۾،
موت پڇاڻا پونءِ تي،
بني هوءِ نہ هوءِ،
پاڻ مٿا سين پنڌ ۾،

❊❊❊

# ”ڏکڻ جي ڏياس تي“ هڪ تنقيدي نظر

ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي مان امرتا پبليڪيشن، حيدرآباد وارن جو ڇپايل شعري مجموعو ”ڏکڻ جي ڏياس تي“ منهنجي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب جو شاعر لاڙڪاڻي ضلعي سان تعلق رکندڙ نوجوان شاهد علي عباسي آهي جيڪو 25 سالن جي ننڍي عمر ۾ پنهنجي همٿ ۽ حوصلي سان چٽا پيٽي جي امتحان ۾ پاس ٿي ڪراچي پورٽ تي اسسٽنٽ ڪليڪٽر، ڪسٽمس مقرر ٿيو آهي.
شاهد علي عباسي جو هي پهريون شعري مجموعو آهي. سگهٽي ساراهه بجاءِ هن مجموعي جو تنقيدي جائزو ورتو اٿم ته جيئن اسان جو هي نوجوان شاعر پنهنجي فني ۽ فڪري ڪوتاهين کي سمجهي سگهي. ڪيترائي وڏا نالا اهڙا به آهن جيڪي سگهٽي ساراهه ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ گهڻو پسند ڪندا آهن.
هن مجموعي جي صفحي نمبر 11 تي تاجل بيوس لکي ٿو ته ”مون شاهد عباسي جي شاعري کي الف کان ي تائين يعني 120 صفحن تائين پڙهيو آهي. هيءَ شاعري خوبين جي ڪستوريءَ واري مانائتي شاعري آهي. اها چڱي حد تائين سماجي ڪارج سان ٽمٽار آهي. شاعري ۾ سماجي قدرن کان سواءِ فني بهتري به اوج تي نظر اچي ٿي. خاص ڪري وزن يا ردم ۽ نهڪي ايندڙ قافين جي حوالي سان.“
مان ايترو چوندس ته تاجل بيوس جا هي جملا ۽ شاهد عباسي جي شاعري هڪٻئي سان نٿا نهڪن، ڇاڪاڻ ته شاهد جي شاعري ۾ اڃان ڪجهه اوڻايون آهن. مثال لاءِ سندس غزل جون سٽون پيش ڪجن ٿيون.

رڻ ۾ پنهنجا سسئي وانگي،
سارا پنڌ اجايا آهن.

شاهد عباسي لکيو آهي ته، ”رڻ ۾ سسئي وانگر سمورا پنڌ اجايا ۽ بيڪار آهن.“ ڇا سسئي جا پنڌ اجايا هئا؟ جيڪڏهن شاهد عباسيءَ جا پنڌ اجايا ثابت ٿيا آهن ته ڪيس سسئي جي پنڌن کي اجايو چوڻ سراسر غلط آهي. سسئي هڪ بهادر ڪردار آهي. سسئي پنهنجي ور ڪارڻ جهنگ جبل ۽ لڪ لنگهي ٿي. هن جي بهادري ۽ سچ جا پنڌ ڏسندي سنڌ جي سرواڻ شاهه لطيف ”سسئي“ تي سچا سارا پنج سر چيا آهن. جيڪڏهن سسئي جا پنڌ اجايا هجن ها ته شاهه سائين انهن پنڌن کي ڪونه ساراهي ها. ٻيو ته سپرين ويني يا ستي نٿو ملي، تنهنڪري شاهد عباسي کي سسئي جا پنڌ سڄايا سمجهڻ گهرجن.
ساڳئي غزل ۾ وري شاعر هيئن لکي ٿو ته:

صبح کان سانجهيءَ تائين لٽجي،
ٿي پيا بزدل پاڳيا آهن.

شاهد عباسي سنڌ ڌرتي جي وارثن، پاڳين کي ڪائر، سست ۽ بزدل سڏيو آهي، اها حقيقت آهي تہ اسان صبح کان سانجهيءَ تائين لٽيرن هٿان لٽجون ٿا پر ڪائر گيدي پاڙيا بزدل ڪو نہ آهيون. بزدل ۽ ڪائر آهن تہ هتان جا سياستدان ۽ وڏيرا. پاڳيا هميشہ هوشناڪ آهن. ڪين صرف ۽ صرف سچي قيادت جي ضرورت آهي. ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌ دشمن منصوبن خلاف جيڪي احتجاج ٿين ٿا، ڇا انهن ۾ وڏا شامل آهن؟ نہ هرگز نہ! تاريخ سنڌ ان ڳالهہ جي شاهدي ڏئي ٿي تہ اسان جي غيرتمند سنڌين مهل اچڻ تي پاڻ ملهايو آهي، پوءِ ڇو نہ سر جو سانگو لاهڻو پيو هجي، تنهنڪري ئي تہ دودو سومرو، روپلو ڪولهي، هيمون ڪالاڻي ۽ هوشو شيدي جهڙا بهادر اڄا ياد ڪيا وڃن ٿا. اڄ بہ ڌرتي جو درد رکندڙ انسان موجود آهن. هونءَ بہ صبح کان سانجهيءَ تائين لٽجڻ ڪانپوءِ ماڻهو ضرور مجبور آهي، تنهنڪري پاڳين جي حوصلا افزائي لاءِ هيئن لکڻ گهرجي.

صبح کان سانجهيءَ تائين لٽجي،
نيٺ تہ پاڳيا جاڳيا آهن.

راشد مورائي ڪنهن هنڌ لکيو هو تہ، ”اسان جا شاعر گهڻو ڪري ادبي قاعدن ۽ قانونن جي مطالعي ڪرڻ ۽ محنت سان انهن تي عبور حاصل ڪرڻ کان لنوائيندا آهن. شايد هو سمجهندا آهن تہ ان جي اٿل سببان پنهنجي جذبن کي پني تي اوتيندا ويندا تہ اهو ادب بڻجي ويندو، پر ائين هرگز نہ آهي. اهڙا سست ۽ ڪاهل ليکڪ سواءِ ڪن ٿورين ڏوکي بازين جي پيو ڪجهہ بہ قوم کي ڏئي نٿا سگهن، الٽو ويچيو خود پسندي جي ڏٻڻ ۾ ڦاسن، ڇو تہ جڏهن مٿن تنقيد ٿئي ٿي تہ هو پنهنجي اٽجاڻائي ڪري ان کي انا جو مسئلو بڻائين ٿا.“ پر شاهد عباسي هڪ باصلاحيت نوجوان شاعر آهي، ان ڏس ۾ هن پهريائين لکيو آهي تہ پنهنجي شاعريءَ بابت ڪو تنقيدي ويچار ڏنو ويندو تہ آئون ان جي دل سان آجيان ڪندس.

تون مون ۾ آن پاڇي وانگر،
ٿر ڪارونجهر، ڪاڇي وانگر،
تنهنجو واس آ ماکي جهڙو،
منڙو يا تہ پتاشي وانگر.

شاعر واضع لفظن ۾ چيو آهي تہ تون مون ۾ پاڇي وانگر آهين، پاڇي جو تعلق جسم سان هوندو

آهي. جسم اصل آهي ۽ پاڇو نقل. ٻيو وري پاڇو روشني جو محتاج آهي. اونده وقت پاڇي جو موت ٿيندو آهي. پنهنجي محبوب کي پنهنجو پاڇو سڏڻ پهريون پيرو ٻڌو اٿم. ٻيو وري شاهد لکيو آهي ته تنهنجو واس ماکي جهڙو آهي، جيڪا پڻ اهم غلطي آهي. واس جو تعلق سنگهڻ سان هوندو آهي ۽ مناس جو تعلق چکڻ سان. ماکي چکڻ جي شيءِ آهي ۽ خوشبو سنگهبي آهي، پوءِ ماکي جو ذائقو چکبو ۽ گلن جو واس وٺبو. تنهنڪري شاهد عباسي کي پنهنجي هنن سٽن کي هينئن لکڻ گهربو هو ته:

توسان گڏ مان پاڇي وانگر
لاڙ اتر ۽ ڪاڇي وانگر
مصري، کنڊ، پتاشي وانگر

ان کان سواءِ شاعر جون هي سٽون به ڏاڍيون عجيب آهن. هڪ ئي وقت شاعر به ڳالهيون ٿو ڪري. سٽون هي آهن:

ڪيڏي فرحت پانيان ٿو
پڪين پوڙهين قبرن کان،
پوڙهن سان پرچاءُ نه ڪر تون،
ڳالهه وڃي پڇ ڳيرن کان

مٿين سٽن ۾ چويٿو ته قديمي قبرن پڪين پوڙهين مزارن کي ڏسي فرحت پانيان ٿو ۽ هيٺين سٽن ۾ وري پوڙهن سان پرچاءُ نه ڪرڻ جي ڳالهه ٿو ڪري، هاٽي اسين به واٽي تي آهيون ته سندس ٻنهي صلاحن مان ڪهڙي صلاح کي وٺون، ڇاڪاڻ ته شاعر خود پنهجي موقف تان ڦري ويو آهي.

ڏئي دانهن درياءَ تي سهڻي پيلا ڇو؟
هيون فڪر جنهن جي ۾ قوتيون ميان!

مٿين سٽن ۾ شاعر سهڻي جي فڪر ۾ قوتيون (ڏار) هجڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. شاهد صاحب کي شاهه سائين جي رسالي ۾ شامل سر ”سهڻي“ چڱيءَ ريت پڙهڻ گهرجي، جنهن ۾ شاهه سائين سهڻي جي عشق ۽ عظمت جي ڳالهه ڪئي آهي. سهڻي لاءِ شاهه جو هڪڙو بيت ئي ڪافي آهي، جنهن ۾ سهڻي جي درياءَ ۾ گهڙي پوڻ ۽ ساهڙ ساهڙ ڪرڻ جي چٽي ڳالهه ٿيل آهي.

ڪنڌيءَ اڀيون ڪيتريون ساهڙ ساهڙ ڪن،

ڪنين سانگو ساهه جو ڪي گهوريس ڪيو گهڙن
ساهڙ سندو تن گها گهائي گهڙن جي.

شاهه جي بيت پڙهڻ کان پوءِ خبر پوي ٿي ته درياءَ ڪنڌيءَ تي بيهي ڪيتريون ساهڙ ساهڙ پڪارين پيون انهن مان ڪن کي جان جي ڳڻتي آهي. شاهه سائين چوي ٿو ته سهڻي مرڪندي درياءَ ۾ گهڙي آهي ۽ ساهڙ حاصل ڪيو آهي.

هاڻي پلا سهڻي جي فڪر ۾ ڦوٽيون چئبيون؟ ڇا سهڻي درياءَ ۾ گهڙڻ کان پوءِ اڌ مان موٽي آئي؟ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ شاهد عباسي کي اها ڳالهه واضع ڪرڻ گهرجي.

مان سمجهان ٿو ته هن مجموعي ۾ شامل غزل ۾ هرويرو ساڳيون ڳالهيون ورجايل آهن. مون کي سواءِ ڪجهه سٽن جي ڪي چرڪائيندڙ تشبيهون نظر ڪونه آيون آهن. جيئن سندس هي سٽون آهن ته:

پرديسن سان نينهن اڙائي
ڪٽي پيچ تو پاتا آهن.

عباسي کي گذارش آهي ته شاعريءَ ۾ تڪڙ نه ڪري، شاعري جي ميدان ۾ جيڪڏهن ڪيس پاڻ ميراڻڻو آهي ته هن کي اڃا به محنت ۽ مطالعي کان ڪم وٺڻ گهرجي.

***

# حنيف عاطر جي شاعريءَ جي ڪتاب ”لڙڪن جو قرض“ تي هڪ نظر

حنيف عاطر جو نالو نئين ٽهيءَ جي سريلن شاعرن جي قطار ۾ متعارف ٿي چڪو آهي. عاطر جي شاعري گهڻي مقدار ۾ سنڌي رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي. هن وقت عاطر جي سنڌي ۽ اردو شاعريءَ جو ڪتاب ” لڙڪن جو قرض“ ڇپجي چڪو آهي. مان چاهيان ٿو تہ هن ڪتاب جو جائزو اوهان پڙهندڙن تائين پهچايان.

ڪتاب جو نالو ”لڙڪن جو قرض“ آهي. ڪتاب 144 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ غزل ، وايون، نظم ۽ ٻيو صنفون اردو ۽ سنڌيءَ ۾ شامل آهن. ڪتاب جو مهاڳ لکندي موسيٰ ڏيٿو لکي ٿو تہ ” آئون هن ڪتاب کي سنڌي ادب لاءِ شهہ پارو ڪوٺيندس. جيڪو سنڌي ادب ۽ ٻولي جي نراڙ لاءِ بنديا ثابت ٿي سگهي ٿو.“

هن ڪتاب ۾ شامل حنيف جي شاعري تمام سٺي آهي، هن جي شاعريءَ ۾ عشق موجود آهي. شاعريءَ ۾ فن ۽ فڪر سمايل آهي، تنهن هوندي ڪجهہ سٽن ۾ ڪجهہ اوڻايون رهيل آهن، جن تي جائز تنقيد جو حق رکان ٿو.

هن ڪتاب ۾ صفحي نمبر 45 تي عاطر هڪ غزل جي سٽن ۾ هيئن لکيو آهي تہ:

ڪنڌا ايترا ڪوئي پوکي ويو،
گسن کي اوجاڳا ۽ الڪا مليا،
گذاريم سڄي رات لکندي غزل،
هٿن کي اوجاڳا ۽ الڪا مليا.

فڪري حساب سان هن شعر جي هيئين سٽ غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ سڄي رات لکندي هٿ ٿڪجي پوندا ۽ اکين کي اوجاڳا ملندا پر عاطر هن شعر ۾ هٿن کي اوجاڳا مليا لکيو آهي،جيڪا فڪري کوٽ محسوس ٿئي ٿي.

جيڪڏهن انهيءَ ساڳين سٽن کي هيئنئن لکي تہ:

ڪنڌا ايترا ڪوئي پوکي ويو،
گسن کي اوجاڳا ۽ الڪا مليا،
گذاريم سڄي رات لکندي غزل،

اکين کي اوجاڳا ۽ الڪا مليا.

ساڳئي ڪتاب ۾ هڪ صفحي تي هن شاعر جون سٽون آهن تہ:

ديپ ويا عاطر سمهي
۽ ضياءَ ماتم ڪيو.

مٿين سٽن ۾ شاعر لکيو آهي تہ ” ديپ سمهي ويا“ جيڪو گرامر جي لحاظ کان بہ غلط آهي. ديپ ويا جي بدران ديپ سمهي پيا درست ٿو لڳي پر ديپن کي سمهڻ بجاءِ شاعر کي گهربو هو تہ ديپن کي وساميل يا اجهاٽل ڏيکاري ها تہ شعر اجا بہ مضبوط ٿئي ها. جيئن:

ديپ ويا عاطر وسامي،
۽ ضياءَ ماتم ڪيو.

مون ڪيترن هنڌن تي ڪجهہ سنڌي اديبن جي واتان اهو ٻڌو آهي تہ اجا سنڌي ادب کي عالمي ادب سان نٿو پيٽي سگهجي. مان سوچيان ٿو تہ ائين ڇو آهي. آخر ڪهڙي کوٽ آهي؟ جواب ملي ٿو تہ اسان وٽ جائز تنقيد جي کوٽ آهي، سنڌي اديب تعريف ٻڌڻ لاءِ تہ آتا آهن پر تنقيد ڪندڙن مٿان ڪڙڪيو پون. سنڌي ٻولي وسيع آهي. تمام گهڻا الفاظ اٿس، تنهن هوندي بہ اسان جا شاعر ٻين ٻولين جا لفظ سنڌي شاعريءَ ۾ هرويرو ٺاڦڻ ۾ ڪا ڪسر نٿا ڇڏين حنيف عاطر جي مادري زبان سنڌي نہ آهي پر انگريزي بہ تہ ڪونهي هڪ هنڌ هيئن لکيو اٿائين تہ:

هرڪو گهر ۾ بند ٿيو،
پرپاسي ۾ شور ڏسي،
چنڊ لطيف جا بيت پڙهيا،
عاطر مون کي بور ڏسي.

مٿين سٽن ۾ بور لفظ استعمال ٿيل آهي، جيڪو انگريزي زبان جو لفظ آهي ۽ اهو انگريزي عاطر قافيي جي پورائي لاءِ اتي هرويرو رکيو آهي. ان ساڳئي قافيي ۾ سنڌيءَ جو لفظ موجود آهي پر حنيف عاطر ان کي نہ سوچيو آهي، آئون انگريزي لفظ کي ڪڍي ان بدران سنڌي ڪافيو رکان ٿو.

هر ڪو گهر ۾ بند ٿيو
پرپاسي ۾ شور ڏسي،
چنڊ لطيف جا بيت پڙهيا،
عاطر ڪي ڪمزور ڏسي.

چانڊني لفظ اردو آهي، سنڌي ڪونهي ۽ چانڊوڪي لفظ سنڌي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، چنڊ جي روشني. حنيف عاطر هڪ هنڌ لکيو آهي تہ:

رات جي مدهوش نيڻن ۾ لهي ٿي چانڊني،
تنهنجي چيرن سان اندر جا ساز جاڳي ٿا پون.

مٿين سٽن ۾ عاطر چانڊني لفظ استعمال ڪيو آهي، جيڪو ٺيڪ آهي پر اهڙي مسلسل استعمال بعد اسان چانڊوڪي لفظ کي تہ وساري ويهنداسين. جيڪا سنڌي ٻوليءَ سان نا انصافي ٿيندي تنهنڪري حنيف کي هيئن لکڻ کپندو هو تہ:

رات جي مدهوش نيڻن ۾ لهي ٿي چانڊوڪي،
تنهنجي چيرن سان اندر جا ساز جاڳي پيا.

شاعر جڏهن اندر جي احساسن کي لفظن جي مالها ۾ پوئيندو آهي تہ ان وقت هو پنهنجي شعر ۾ سهڻيون تشبيهون ڏيڻ جون پڻ ڪوششون ڪندو آهي. عاطر پنهنجي هن ڪتاب ۾ هڪ غزل لکيو آهي تہ:

هو ويو مڪان خالي ڪري،
خوبصورت گهٽي رني ڏاڍي،
هنن مٿين سٽن ۾ ڏيکاريل آهي تہ هن جي گهر خالي ڪري وڃڻ بعد خوبصورت گهٽي ڏاڍو رني. انهيءَ سٽن ۾ گهٽي کي خوبصورت ڏيکاريو ويو آهي، جڏهن تہ گهر ڇڏڻ وارو خوبصورت آهي، تنهن ڪري گهٽي کي خوبصورت نہ ڏيکارجي ۽ شاعر کي هينئن لکڻ گهربو هو تہ:

هو ويو مڪان خالي ڪري،

هن واري گهٽي رني ڏاڍي،
ايترا درد هن ڏنا عاطر،
مون مٿان شاعري رني ڏاڍي.

حنيف عاطر جي هن ڪتاب ” لڙڪن جو قرض “ جي مهاڳ ۾ لکيل هي جملا ٻيهر ورجايان ٿو تہ ” هن ڪتاب کي سنڌي ادب لاءِ هڪ شهہ پارو ڪوٺيندس، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي نراڙ تي بنديا ثابت ٿيندو. “ آئون چوان ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي اهڙا بہ شاعر موجود آهن. جن کي ميڊيا جي شهرت نہ ملي سگهي آهي. حنيف عاطر کي سوجهرو وارن گهٽو ڇپيو آهي. سندس شاعري سٺي آهي پر سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي نراڙ تي بنديا لڳائڻ لاءِ کيس محنت ڪرڻ جي اجا بہ ضرورت آهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ، هو اڳتي هلي اهو ثابت ڪري ڏيکاري.

❊❊❊